# سِبي جي ٻولي

ڊاڪٽر داد محمّد بروهي

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

حيدرآباد / ڪراچي

(سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو)

سلسلي جو پهريون ڪتاب

# سِبي جي ٻولي

مصنف

ڊاڪٽر داد محمد بروهي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد/ ڪراچي

۱۴۱۳هه/ ۱۹۹۲ع

اداري جا حق واسطا قائم

تعداد هڪ هزار

١٩٩٢ع

قيمت ٥٠ رپيا

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم
قومي شاهراهه
حيدرآباد سنڌ

۽

مرڪزي ڪتاب گهر
نمبر 972 گل شاهه محلو
گاڏي کاتو
حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب ڪمپيوٽيڪ سسٽمس جي ڪمپيوٽر سسٽم تي ڪمپوز ٿيو ۽
سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي
شايع ڪيو.

# مهاڳ

سنڌي ٻولي جئن جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائجي ٿي تنهن جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت گهڻي وقت کان وٺي پئي محسوس ڪئي وئي آهي. اهڙي مطالعي سان هر ڀاڱي جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڄاڻ حاصل ٿيندي جنهن سان ان ڀاڱي جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارن جي ٻوليءَ جي پروڙ پوندي ۽ کين پڙهائڻ ۾ سولائي ٿيندي، هر ڀاڱي جي عوامي ٻوليءَ مان واقفيت حاصل ٿيندي جنهن سان سماجي ڪم ڪندڙن، زرعي کاتي جي ڪامگارن ۽ ٻين ڪارڪنن کي ان ڀاڱي ۾ عوام سان ملي ڪم ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. وڏي ڳالهه ته هر ڀاڱي جي ٻولي لکيت ۾ محفوظ ٿيندي جنهن سان مجموعي طور سان سنڌي زبان جي لغات جو دائرو وسيع ٿيندو.

انگريزن جي دور ۾، سرڪاري طور تي هڪ وڏي رٿا 'هندوستان جي ٻولين جو لساني جائزو' (LINGUISTIC SURVEY OF INDIA) جي نالي سان عمل ۾ آندي وئي جنهن جو سربراهه جي.اي.گِريئرسن هو. ان رٿا هيٺ، سنڌي ۽ سرائڪي جي مطالعي کي چڱي ڀن پيٽن ٻولين جي حيثيت ۾ هڪ سا ڱڻي جلد (Volume III, Part I) ۾ مرتب ڪيو ويو. ان کي به ڪافي عرصو گذري ويو هو جو انهي قسم جي ٻئي جائزي جي ضرورت انگريزن جي آخري دور ۾ محسوس ڪئي وئي هئي. موجوده دور جي علمي توڙي سماجي تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هڪ جامع رٿا هيٺ "پاڪستان جي ٻولين جو لساني جائزو" ورتو وڃي.

بهرحال جيسين ڪو قدم کنيو وڃي، تيسين سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ جامع رٿا هيٺ سنڌ جي مختلف ڀاڱن توڙي سنڌ

سان لاڳو ٻين صوبائي علائقن ۾ سنڌي ٻولي جئن ڳالهائجي ٿي تنهن جي مطالعي جي شروعات ڪئي وئي آهي. ان رٿا موجب هيٺيان ٻارهن مطالعا شايع ڪيا ويندا:

١. سِبي جي ٻولي
٢. ڪڇي-ناڙي جي ٻولي
٣. اتر ايرنديڻ سرحد واري ماٿيلي-اباوڙي جي ٻولي
٤. ڪاڇي جي ٻولي
٥. لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي
٦. ڪاري جي ٻولي
٧. ڪڇي-سنڌي ٻولي
٨. ٿري-ڍاٽڪي ٻولي
٩. اتراڌي ٻولي
١٠. لاڙي ٻولي
١١. ڪن خاص شهرن جي ٻولي
١٢. ڪن خاص قبيلن جي ٻولي

’سبي جي ٻوليءَ جو مطالعو‘ هن سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي. محترم ڊاڪٽر داد محمد بروهي هيءَ مقالو ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ تفصيلي طور لکيو هو جنهن جو هيءُ ڪتاب جڻ هڪ جامع اختصار آهي. آءٌ محترم ڊاڪٽر داد محمد جو شڪر گذار آهيان جنهن منهنجو مشورو قبول ڪندي ’سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري‘ طرفان هن ڪتاب جي اشاعت تي اتفاق ڪيو.

آءٌ استاد محمد اسماعيل شيخ ۽ محترم مراد علي مرزا جو شڪر گذار آهيان جن هن ڪتاب جي پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
سربراه
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد سنڌ
٣٠-ذوالحج ١٤١٢هه
٢-جولاءِ ١٩٩٢ع

# فهرست


- مهاڳ
- محاورا، انهن جو حدون ۽ مختلف ٻولين جو انهن تي اثر ۱
- محاورن جي مختلف لفظن ۽ آراڌاين تي بحث ۱۰

جغدالي محاورو ۲٦

فراڪي محاورو ۲۹

جغدالي ۽ فراڪي محاورن جو صوتياتي جائزو ۳۵

جغدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ نوان لفظ ۷۱

ٻين محاورن جي لفظن سان ڀيٽ ۸۱

انڻ لکيل ٻتن لفظن سان ڀيٽ ۸٦

- پڇاڙي جي ٻدن تي زور ڏيڻ واريون تبديليون ۹۸

اُچارن ۾ تبديليون ۱۰۸

تڪرار ۱۱۵

گردان ۱۱۷

- امر جوڙڻ جون واٽون ۱۲٦
- جنس ٻيجان ۱۲۷
- ادغام ۱۲۸
- محاورن جو نحوي اصولن موجب جائزو ۱۳۴
- پريوگ ۱٥٦
- جملن جا قسم ۱٥٦
- جغدالي محاوري جي هڪ ڪهاڻي ۱٦۷
- فراڪي محاوري جي هڪ ڪهاڻي ۱۷٥


سنڌي ٻوليءَ جو لساني نقشو
پيمانو
لساني حد
ضلعي حد
افغانستان
ايران
هندستان
عربي سمنڊ


سنڌي ٻوليءَ جو لسانياتي نقشو
پيمانو:
١٠٠ ٢٠٠ ٣٠٠
١. بين الاقوامي حد
٢. صوبائي حد
٣. محاورن جي حد
٤. ڪڇ جو رڻ
اتر
افغانستان
پنجاب
بلوچستان
ايران
وچولي
لاسي
جدگالي
لاڙي
ٿري
ڪڇي
هند
عربي سمنڊ
فتاح عابد

## ماڇڪي محاورو

ماڇڪي محاورو اصل ۾ اتر سنڌ کان مٿي صوبي پنجاب جي ضلعي رحيم يار خان جي تعلقي صادق آباد ۽ ضلعي جيڪب آباد جي تعلقي ڪشمور ۽ ضلعي سکر جي تعلقي اوٻاوڙي جي مٿين علائقن ۾ ملي ٿو ،جنهن تي سرائڪي جو تمام گهڻو اثر آهي.هونئن ته سنڌي ٻولي مٿي هلي بهاولپور بلڪ ملتان تائين سمجهي ۽ ڳالهائي وڃي ٿي پر اڪثريت ۾ ڳالهائڻ جي لحاظ کان مٿي ذڪر ڪيل علائقن ۾ ماڇڪي محاوري جي صورت ۾ موجود آهي .

هن محاوري تي نالو ماڇي قوم جي نالي پٺيان پيل آهي جيڪا ان علائقي ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ آباد آهي . ان ڪري انهن جي ٻولي کي ماڇڪي سڏيو وڃي ٿو. سنڌي ۽ سرائڪي ٻولي جا پاڙ ۾ قديم ناتا معلوم ٿين ٿا . جو ته سرائڪي ايراضي وارواهو علائقو قديم زماني کان سنڌ جي حدن ۾ رهندو آيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ماهرن خاص ڪري عرب سياحن سرائڪي زبان کي سنڌي زبان سڏيو آهي. اصطخري لکي ٿو

"منصوره ،ملتان ۽ ان جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي"(١)

خود سرائڪي زبان جي هڪ ماهر ظامي صاحب قديم سنڌ کي سرائڪي زبان جو محل وقوع ڄاڻايو آهي (٢)

اهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻولي جي سيني محاورن تي مجموعي طرح سڀ کان وڌيڪ اثر سرائڪي زبان جو آهي .

## جَڦِدالي محاورو

هي محاورو به سنڌ کان ٻاهر بلوچستان جي سبيءَ ڪڇي علائقن ۾ استعمال ٿئي ٿو، جتي سنڌي ٻولي تي بلوچي ،بروهي ۽ سرائڪي زبانن جو اثرآهي. هن خطي ۾ سماٽ قومون صدين کان آباد آهن خاص طور جت وڏي تعداد ۾ موجود آهن . جن کي عرف عام ۾ جفدال ، جت ، ڄٽ ، جاٽ ۽جٽ به چيو وڃي ٿو . اهو ئي سبب آهي جو انهن جي ٻولي کي جفدالي ، جتڪي ۽ جَتڪي به چيو وڃي ٿو . هن محاوري تي تفصيل سان بحث اينڊڙباب ۾ ڪيو ويندو .

---

١. اصطخري؛ " المسالڪ والممالڪ" اردو ترجمو "هندستان عربون ڪي نظر ميں" اعظم ڳڙه دارالمصنفين ، ١٩٦٠، ص ٢٧٥

٢. محمد بشير احمد ظامي ؛ "عهد قديم سرائڪي زبان جي ارتقا " سرائڪي زبان وادب،حبيب ڪالوني ملتان ،اپريل ١٩٧٠، ص ١٨

مان " کٽرياڻ" "کيٽراڻ" "کيٽراڻ " ۽ کيٽران جي صورت اختيار ڪيائين جتي هي خاندان پنهنجي منڙي ۽ پياري سنڌي ٻوليء کي اتان جي مقامي ٻولين جي زبردست اثرن باوجود اڄ تائين زنده رکيو پيو اچي پر اتان جي سرائڪي ، بلوچي ۽ پشتو ٻولين جي اثرن سبب سنڌي ٻولي جو هڪ نئون محاورو وجود ۾ اچي چڪو آهي ۔ بلڪ هي محاورو هڪ نئين ٻولي جي صورت اختيارڪندو پيو وڃي ۔

## ڪوهستاني محاورو

ڪوهستاني محاورو اسان کي ضلعي دادو ۽ ڪراچي ڊويزن جي اولهائي حصي ۽ بلوچستان جي ضلع خضدار جي ڪوهستاني علائقن ۾ ملي ٿو ، جتي سنڌي ٻولي تي بروهي ۽ بلوچي زبانن جو اثر موجود آهي ۔

دادو ضلعي جو اولهائو حصو جيتوڻيڪ پهاڙي آهي تنهن هوندي به تنگ رستن ۽ پهاڙي پيچرن ذريعي ڪافي اچ وڃ جاري آهي جنهن سبب هن ٻولي جو ان طرف ڦهلاءُ ٿيندو رهي ٿو. جيڪو اڳتي هلي قلات ، مستونگ بلڪ نوشڪي ۽ خاران تائين پهچي ٿو ۔ اتان جا ماڻهو سنڌي ٻولي سمجهي ته سگهن ٿا پر ڳالهائي ڪونه ٿا سگهن جڏهن ته سرائڪي زبان چڱي طرح ڳالهائي وڃن.

هن محاوري تي ڪوهستاني نالو به پهاڙي علائقي جي نسبت سان پيل آهي ۔ هن علائقي ۾ بلوچ بروهي ۽ سماٽ قومن کان علاوه هندو ڪافي تعداد ۾ موجود آهن جيڪي اڪثر سنڌي ڳالهائيندا آهن (۱) ۔

بلوچ قومن جو سردار قلات جو خان آهي ۔ سماٽ قومن جو سردار لسٻيلي جو جام آهي ۔ باقي هندو جنهن حاڪم جي حد ۾ رهن تنهن کي پنهنجو حاڪم ڪري مڃين. بلوچ قومن جو وڏو تعداد بروهين جو آهي ۔ قلات جو خان پڻ بروهي خاندان مان آهي ۔ سماٽ يا سما قومن جو سنڌ ۽ ڪڇ ملڪ سان گهڻو تعلق رهيو آهي ۔ هو سنڌي ڳالهائين (۲) ۔

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو :ڪوهستاني محاوري جو اثر خاص طور لاڙ جي ٺٽي ضلعي واري ياڳي تي ٿيو آهي ۔ چند لفظ اهڙا مليا آهن جن جو لاڳاپو ڪوهستان ۽ لسٻيلي سان آهي (۳) ۔

لاسي ٻولي پوري ضلعي ۾ اڪثريتي زبان آهي جيڪا اٽڪل ٽي ڀاڱي چار حصي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي (۴). اهوئي سبب آهي جو هن علائقي کي سنڌي

---

۱ . سمو الهه بچايو يار محمد: " سير ڪوهستان، " س-ا-ب حيدرآباد، ڇاپو پنجون ۱۹۷۱. ص ۱۲۲

۲.پروفيسر جوڻيجو عبدالجبار: " لاڙ جي لغات، " زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ۱۹۷۵، ص ۲۰

۳.ايضاً

۴ . پروفيسر انور رومان: " بلوچستان ڪي قبائل " اردو ترجمو، بينظير انٽرپرائزز پبلشر ڪوئٽه، ۸۷ - ۱۹۸۶، ص ۳۸۴، جلد اول ۔

علائقي جي حيثيت حاصل آهي ۽ بلوچستان ۾ سنڌي ٻولي سبب نمايان اهميت جو حامل آهي .

## جدگالي محاورو

هي محاورو بلوچستان جي مڪران علائقي جي ڏاکڻي حصي ۾ ڳالهايو وڃي ٿوجيڪو اڳتي هلي جيوڻي ، ارماڙي - پسني ۽ گوادر تائين پهچ ۽ پکيڙ رکي ٿو (١).

هن محاوري تي مڪرانين جي بلوچي ۽ جتن جي سرائڪي ٻولين جو اثر آهي. هن علائقي ۾ جت تمام گهڻا رهن ٿا . جن جي ٻوليءَ تي سرائڪي ٻولي جو اثر آهي . هت جتن کي "جدگال" چيو وڃي ٿو . بلڪ هو پاڻ کي "جدگال" سڏائين ٿا . جيڪي هزارين سالن کان هن خطي ۾ آباد آهن (٢).

مڪران جي جدگالي حقيقت ۾ سنڌي ٻولي جي هڪ شاخ جي حيثيت رکي ٿي . اها لسٻيلي جي ٻولي سان ملندڙ آهي (٣).

هن خطي ۾ "لوهڙي چيني "نالي هڪ ٻي زبان بہ ڳالهائي وڃي ٿي جيڪا هتان جي لوهڙين سنڌي جي لفظ "چئني" يعنيٰ "چوڻ" مان اختيار ڪئي آهي . هي زبان ڪا علحده زبان نہ آهي، بلڪ لوهڙي مخفي طرح ڳالهائڻ لاءِ لفظن کي ابتو ڪري استعمال ڪن ٿا . ان ۾ بلوچي ، بروهي ، سنڌي، اردو ، پنجابي يا ٻيون ٻوليون بہ اچي وڃن ٿيون ؛ مثلاً : بلوچي "سڌ" "کي "ٿس" ۽ چار کي "را چ، " سنڌي اردو ۾ پيٽ ۽ ٽيپ وغيره (٤).

- هي قوم لورا ذات مان آهي . ۽ سنڌي ڳالهائي ٿي (٥).

هي علائقو بہ صدين کان سنڌ جي زير تسلط رهيو آهي ،جنهن سبب ان طرف سنڌي ٻولي جو ڦهلاءُ ٿيندو رهيو . مشرق وسطيٰ جي علائقن سان سنڌ جي سمنڊ رستي وڻج ۽ واپار سبب بہ سنڌي ٻولي ان طرف وڌندي رهي. رحيم داد مولائي شيدائي لکي ٿو : پاڪستان ۾ سنڌي زبان جو دائرو ڪشمير کان ڪيچ تائين ۽ ٿر کان وٺي مڪران تائين وسيع آهي (٦).

هن خطي ۾ سنڌي ٻولي کي گوادري ۽ ارماڙي بہ چيو وڃي ٿو جن ۾ ٿورو ٿورو فرق آهي ؛ بلڪ اهي وڏي محاوري جدگالي جي ننڍين يا مقامي محاورن جي

---

١. ايضاً حصو ٻيو ٨٧-١٩٨٦ ص ٢٣٢ .

٢. Census Report of Makran District . ١٩٦١ P.١-١۴

٣. پروفيسر انور رومان مترجم: "بلوچستان ڪي قبائل " ص٣٢٩

۴. ايضاًحصو اول، ص ٣٠٠ ،حصو ٻيو ص . ٢٣

٥ . الانا غلام علي ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي" ص١٣٧

٦. رحيم داد مولائي شيدائي: "جنت السنڌ." س-ا-ب حيدرآباد ،١٩٥٧ ص . ٢٢

اهي آواز توڪڻا ، ڇوسڻا ، ڳسڻا ، گهڻا (نڪوان) ، ڦڙڪڻا ، گول، روان ۽ نيم سُر قسمن ۾ گروهن ۾ ورهائي سگهجن ٿا (١) .
لاڙي لهجي ۾ واپاري ناتن ڪري ملائي ، ملباري ۽ تيلگو لفظ ڪڏ جي ويا اهن (٢) سنڌي ٻولي جي ٻين لهجن وانگر لاڙي لهجي ۾ ڪيترائي پورچوگيزي لفظ بہ شامل ٿي ويا آهن (٣) .

## ڪڇي محاورو

هي محاورو اسان کي ڪڇ جي علائقي ۾ ملي ٿو، جتي مٿس ڪاٺياواڙي ، گجراتي ، مارواڙي ۽ ٻين هندي ٻولين جو اثر موجود آهي .
مرحوم محمد سومار شيخ لکي ٿو تہ" ڪڇ جي عام ٻولي سنڌي آهي جنهن کي ڪڇي ڪري چئبو آهي . ڪڇ جي ٻولي لاڙ جي ٻولي سان گهڻو واسطو رکي ٿي . اڪثر ڪري ڪڇي ٻولي جا لهجا (محاورا) لاڙي ٻولي جهڙا آهن . جو تہ لاڙ سان ڪڇ جا صدين کان لاڳاپا هليا اچن ٿا . ڪڇ جي ٻولي تي اتي جي تهذيب ۽ تمدن جو اثر پڻ آهي . ڪڇ جي ٻولي جي جهلڪ ڪنهن ڪڇي سان ڳالهائڻ وقت پسي سگهجي ٿي . ڪڇي ٻولي تي گجراتي جو پڻ گهاٽو اثر پيل آهي" (٤) .
هو وڌيڪ لکي ٿو : ڪڇ ملڪ جو اصل نالو "اڀير ديس" آهي. اڀير يا آهير (اسُر) سنڌ جي پراڻي قوم آهي ، جنهن آرين سان لڙايون ڪيون هيون . پر جڏهن آريہ غالب اچي ويا تڏهن اهير وڃي جابلو حصن ۾ پناھ ورتي تہ ٻيا وري ملڪ ڇڏي ايران هليا ويا. ايرانِ وارن اسُرن يا اهرن جو پاڪ ڪتاب " ژند " سچو سنڌ جي ساک سان پريو پيو آهي . نئين فارسي جا اسرن جي اولاد ايرانين جي ٻولي آهي ، انهيءَ جو گرامري ناتو سنڌي سان ساڳيو ئي قائم آهي ۽ ڪيترائي لفظ ساڳيا ٻنهي ٻولين ۾ جيئن جو تيئن موجود آهن (٥) .
هن محاوري تي ڪڇي نالو خود ان جي علائقي جي نسبت سان پيل آهي . ڪڇي محاورو سنڌي ٻولي جو هڪ اهم محاورو ڪري ليکبو آهي (٦). هي محاورو اڳتي هلي ڪاٺياواڙ ۽ گجرات تائين اثر انداز ٿئي ٿو، جتي ڪاٺياواڙي ۽

---

١ . الانا غلام علي ڊاڪٽر: " لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ،" انسٽيٽيوٽ آف سنڌلاجي ڄامشورو، ١٩٧٧، ص ٦٢- ١٦٣
٢ . ايضاً
٣ . ايضاً.
٤ . مرحوم شيخ محمد سومار: "ڪڇين جا قول،" س-ا-ب حيدرآباد، ١٩٧٧، ص ٤٣
٥ . ايضاً ص ١
٦ . جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: " ڪينجهر " سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ١٩٨٧، ص ٢٩.

گجراتي ٻولين جو مٿس اثر آهي .

ڪئپٽن ولبر فورس لکي ٿو ته ڪاٺي قوم سنڌ مان لڏي ڪڇ ۾ پاور ۾ اچي وئي ۽ پوءِ اتان سوراشٽر ۽ ٿاٺي ۾ اچي آباد ٿي. ڪاٺي قوم بهترين جنگجو قوم جي حيثيت ۾ مشهور هئي. هي قوم چوپايو مال چورائڻ ۾خاص طرح مشهور هئي(١)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو ته سنڌ ۽ گجرات جا سياسي، سماجي، ثقافتي، مذهبي،علمي ۽ ادبي رشتا رهيا آهن. ٻنهي ملڪن جا ٻر وارا خطا يعني سنڌ ۾ لاڙ ۽ ٿر وارو حصو ۽ گجرات جو اولهه وارو خطو ٻه ٻوليا علائقا هئا. ماڻهن جي اچ وڃ وڻج واپار باهمي شادين ۽ ميل جول، مذهبي رشتي سبب سنڌي جو ڪڇي لهجو (محاورو) ڪاٺياواڙ ۾ ڪاٺياواڙي لهجي جي نالي سان اثر انداز رهيو ۽ سنڌي ٻولي مذڪوره علائقن ۾ پڻ چالو هئي ۽ ان ايراضي اندر سمجهي ۽ ڳالهائي ويندي هئي(٢)

گجرات ۽ ڪاٺياواڙ طرف ڪڇي محاوري کي ڪاٺياواڙي ۽ گجراتي محاورو به چيو وڃي ٿوجتي ٿوري ٿوري فرق سان مروج آهي. ڪاٺياواڙي ميمڻ پاڻ ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائيندا آهن. ان کي "ڪاٺياواڙي" يا "ميمڻي" سڏيو ويندو آهي. هي ڪا جدا ٻولي نه آهي بلڪ اصل ۾ سنڌي زبان جو هڪ محاورو آهي (٣)

## ٿري محاورو

هي محاورو ميرپورخاص، ٿرپارڪر، سانگهڙ ۽ خيرپور ضلعن کان علاوه هندستان جي صوبي راجستان جي جوڌ پور، بيڪانير ۽ جيسلمير علائقن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن محاوري تي اهو نالو پنهنجي علائقي جي نسبت سان پيل آهي. هندستان وارن علائقن ۾ ٿري محاوري کي ڍاٽڪي به چيو وڃي ٿو. هن محاوري تي گجراتي ۽ راجستاني ٻولين جو اثر آهي.

ٿرپارڪر جو ضلعو اصل ۾ ٿر علائقو آهي. ٿر سنسڪرت جي لفظ "ستل" مان نڪتل آهي. ان جو اچار ڦري "ٿل" ۽ ٿر ٿيو آهي (۴). هي سمورو علائقو وارياسو آهي ان ڪري به هن کي ٿر سڏيو وڃي ٿو.

---

1.S. Wilber Force H- Bell " The History of Kathiywar" Wiliam Heinemann London 1966 A.D P. 67

٢. الانا غلام علي ڊاڪٽر؛ "سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي"، سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٧٩، ص ٧٥-٧٦

٣. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي؛ "ڪاٺياواڙي ميمڻ محاوري جو لساني جائزو"، مقالا بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٨٨، ص١١

۴. "ڪينجهر" ص ١١

| | |
|---|---|
| لاسي محاورو: | ۽ |
| جدگالي محاورو: | ۽ |
| لاڙي محاورو: | آهي - آئي |
| ڪڇي محاورو: | آئي |
| ٿري محاورو: | آ - آئي |

هئو: هن لفظ جو محاورن جي لحاظ کان جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته هي به ڪافي فرق سان استعمال ٿئي ٿو. هيٺ واضح ڪجي ٿو.

| | |
|---|---|
| معياري محاورو: | هئو |
| اتراڏي محاورو: | هُيو |
| ماڇڪي محاورو: | هُيو |
| جهڏالي محاورو: | هيو - هو |
| فراڪي محاورو: | آهو - هئو |
| ڪيتراڻي محاورو: | آئو |
| ڪوهستاني محاورو: | هو |
| لاسي محاورو: | او |
| جدگالي محاورو: | او |
| لاڙي محاورو: | هو- هئو |
| ڪڇي محاورو: | هئيو |
| ٿري محاورو: | هئيو |

آهين: معياري محاوري جو هي لفظ به اسان کي مختلف محاورن ۾ وڏي فرق سان نظر اچي ٿو مثلاً:

| | |
|---|---|
| معياري محاورو: | آهين |
| اتراڏي محاورو: | آن |
| ماڇڪي محاورو: | اِين |
| جهڏالي محاورو: | اَن |
| فراڪي محاورو: | آن |
| ڪيتراڻي محاورو: | اِي |
| ڪوهستاني محاورو: | اَن |
| لاسي محاورو: | اين |
| جدگالي محاورو: | اِين |
| لاڙي محاورو: | آهئين |
| ڪڇي محاورو: | آئين |
| ٿري محاورو: | آئين |

# محاورن جو علم صرف جي روشنيءَ ۾ جائزو

سنڌي ٻولي جي مختلف محاورن جو علم صرف جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺبو تہ اسان کي ڪافي فرق نظر ايندو ڇو تہ مختلف ٻولين جي اثرن سبب اهي فرق پيدا ٿين ٿا . ٻولي جي تبديلي جا قاعدا بہ ڪن اصولن تي ٻڌل هوندا آهن .

علم صرف بابت مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "صرف" لفظ جي عربي لغت ۾ معنيٰ آهي ڦيرائڻ بعني "ڦيرو" يا "گردان". انهي موجب لفظ جدا جدا صورتن ۾ ڦرن ٿا ۽ فعل زمانن موجب ڦرن ٿا ۽ سيني قسمن جي لفظن جون جدا جدا صورتون ۽ صيغا "صرف" ۾ داخل آهن (١) . جهڙي طرح هر ٻولي جو پنهنجو صوتياتي نظام ٿيندو آهي تهڙي طرح هر ٻولي جو پنهنجو وياڪرڻي نظام بہ هوندو آهي . وياڪرڻي نظام کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪ اهو آهي جنهن ۾ لفظن جي ڦيرن ۽ صيغن ۽ نون لفظن ناهڻ جا قانون ڏنل هوندا آهن . هن حصي کي "علم صرف" چئبو آهي . ٻيو حصو اهو آهي جنهن ۾ فقرن ۽ جملن جي ٻيهڪ ۽ انهن جي سٽاءُ جي قانونن جي خبر پوي ، جنهن کي "علم نحو" چوندا آهن (٢) .

ڳالهہ ٻولهہ جو ننڍي ۾ ننڍو جزو جملو آهي ، جنهن سان ڪو شخص ٻئي ماڻهو کي پنهنجو مطلب سمجهائي سگهي ٿو. جملو لفظن سان ٺهي ٿو . حن جو صحيح مفهوم جملي مان معلوم ڪري سگهبو آهي . لفظن جي تقسيم ۽ هڪ ٻئي سان گڏجي اچڻ سان ان ۾ جيڪو تغير يا تبديلي اچي ٿي يا ان ۾ اضافي سان جيڪا نئين صورت پيدا ٿئي ٿي ان جي بيان ڪرڻ کي "صرف" چيو وڃي ٿو (٣)

صرف جي روشنيءَ ۾ محاورن جو جائزو وٺبو تہ اسان کي هر هڪ محاوري ۾ ڪافي فرق نظر ايندو ۽ مختلف حرفن جي پڊن تي زور ڏيئي استعمال ڪرڻ سان اچارن ۾ بہ فرق نظر ايندو . هيٺ اهڙا لفظ پيش ڪجن ٿا .

| | | | |
|---|---|---|---|
| معياري | منهنجو | تنهنجو | ڪنهنجو |
| اتراڌي | مانجو | تنهنجو | ڪينهنجو |
| ماڇڪي | مهنجو | تهنجو. تهَجو | ڪينهجو |
| جڏالي | مانجو - منجو | ٿُنجو | ڪينٿجو |
| فراڪي | مِجو - مِينجو | تنجو | ڪينجو |
| ڪيتراڻي | مِينجو - مِينجا | تانجو - تانجا | ڪِڙجو |
| ڪوهستاني | مانجو | تنهنجو | ڪينهنجو |
| لاسي | مونجو | ٿُنجو | ڪينجو . |

١.مرزا قليچ بيگ: "سنڌي وياڪرڻ" ، ڀاڱو ٻيون،س-ا-ب حيدرآباد، ١٩٧١ع ،ص ٢

٢. الانا غلام علي ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي جو مزاج" تہ ماهي مهراڻ حيدرآباد ٢/ ١٩٧٩ع، ص ١٣٠

٣. مولوي عبدالحق ڊاڪٽر: "اردو صرف ونحو"، اردو اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٻيو، جولاءِ ١٩٦٩ع ص ١٠-١١

| | |
|---|---|
| ڪوهستاني - | اسلم ڪاڏي ٿو وڃين؟ |
| لاسي - | اسلم ڪيڏ ٿو وڃين؟ |
| جدگالي - | اسلم ڪيڏ ٿو وڃين؟ |
| لاڙي - | اسلم ڪيڏان ٿو وڃين؟ |
| ڪڇي - | اسلم ڪيڏان ٿو وڃين؟ |
| ٿري - | اسلم ڪيڻ ٿو وڃين؟ |

جملو چوٿون

| | |
|---|---|
| معياري - | پاڻي ٿڌو هئو |
| اتراڏي - | پاڻي ٿڌو هيو |
| ماڇڪي - | پاڻي ٺيو هيو |
| جهڏالي - | پاڻي ٺڌو هيو |
| فراڪي - | پاڻي ٺڌو هئو - آهو |
| کيتراڻي - | پاڻي ٿڌو آئو |
| ڪوهستاني - | پاڻي ٿڌو هو |
| لاسي - | پاڻي ٿڌو هو |
| جدگالي - | پاڻي ٿَڌو او |
| لاڙي - | پاڻي ٿڌو هئو |
| ڪڇي - | پاڻي ٿڌو هئيو |
| ٿري - | پاڻي ٿڌو هئيو |

## محاورن جو علم نحو جي روشنيءَ ۾ جائزو

نحو ان علم کي چئبو آهي جنهن مان ٻولي جي صحيح ۽ پوري طرح ڳالهائڻ ۽ لکڻ جا طريقا معلوم ڪري سگهجن ، تہ ٻولي ڪيئن ٿي ڳالهائي وڃي ، حرف ، لفظ ۽ جملا ڪيئن ٿا ٺهن ۽ ڪهڙي نموني سان ٿا استعمال ٿين. ان کان علاوه نحو مان حرفن، لفظن ، جملن ۽ اصطلاحن جي زمانن ۽ گرامر جي لحاظ سان صحيح يا غلط هجڻ بابت پتو پوي ٿو .

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو : ”علم نحو جي اصلي معنيٰ آهي پاسو ۽ اصطلاحي معنيٰ اٿس حرف هڪبئي جي پاسي ۾ ٻيهاري لفظ جوڙجن ۽ جملا هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ٻيهاري بيان يا تقرير يا دليل جوڙڻ . انهيءَ ڪري نحو جي رواجي معنيٰ ٿي دستور يا طرز يا قانون جن موجب حرف ، لفظ ۽ جملا پاڻ ۾ گڏجن ٿا ۽ موافقت رکن ٿا .۽ هڪ ٻئي تي عمل هلائين ٿا“ (١).

---

١ . مرزا قليچ بيگ، ”سنڌي ويا ڪرڻ“ ڀاڱو ٻيو، س-ا-ب حيدرآباد، ١٩٧١ع ، ص ٢

آڏواڻي پيرومل لکي ٿو:"نحو معنيٰ دستور يا ريت. اصطلاحي معنيٰ موجب علم نحو اهو علم آهي ، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ جملا ڪيئن ٿا ٺاهجن ۽ هر هڪ جملي جي لفظن جو هڪٻئي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي . جملن جي بناوت ۽ تفريق يا ڇيد ۽ ٻيهڪ جي نشانين بابت ذڪر سڀ نحو ۾ اچي وڃن ٿا "(١) .

مولوي ڊاڪٽر عبدالحق لکي ٿو :"جملي ۾ لفظن جو هڪ ٻئي سان باهمي تعلق هوندو آهي . جيئن هر شيءِ جو ظاهر ۽ باطن هوندو آهي تيئن لفظن جو بہ ٿئي ٿو . ظاهر تعلق اهو آهي جنهن جو تعلق صرف سان آهي ۽ باطن اهو آهي، جنهن ۾ لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم تي بحث ڪجي ، ان بحث کي "نحو" چئبو آهي .(٢)

سنڌي ٻولي ۾ ڪوبہ اهڙو حرف ڪونهي جيڪو بغير ڪنهن حرف علت يا اعراب جي لفظن ۾ ڪم ايندو هجي . هن ٻوليءَ جا ڪل باونجاهہ حرف آهن جيڪي علت ۽ اعرابن جي مدد سان لفظن، ٻن لفظن ۽ جملن جي صورت ۾ جوڙي استعمال ڪيا وڃن ٿا. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ لفظن کي جوڙڻ وقت منجهن حرف علت ۽ اعراب جو هجڻ لازمي آهي.

سنڌي ٻولي جي رسم الخط جيڪا ڪافي سوچ ويچار بعد ١٨٥٣ ۾ تيار ڪئي وئي تقريباً سوا سؤ سالن کان نافذ العمل آهي تنهن جو جڏهن اسان سنڌي ٻولي جي پرورارين مختلف ٻولين جي اثر سببان وجود ۾ ايندڙ محاورن جي روشني ۾ جائزو وٺون ٿا تہ اسان کي هي رسم الخط ڪافي حد تائين نامڪمل محسوس ٿئي ٿي جو تہ اها هڪ واضح حقيقت آهي تہ هر ليکڪ تي پنهنجي خطي ۾ استعمال ٿيندڙ زبان جو زيادهہ اثر ٿئي ٿو. ڳالهائڻ توڙي لکڻ سندس ان محاوري کان متاثر هوندو. رسم الخط جوڙڻ وارن جي اڪثريت حيدرآباد ۽ لاڙ علائقي سان تعلق رکي ٿي. ان ڪري اهي انهن علائقن جي ٻولي جا ماهر تہ چئي سگهجن ٿا پر اهو ضروري نہ آهي تہ اهي سموري سنڌ ۽ ان کان ٻاهر استعمال ٿيندڙ محاورن جا ماهر بہ هجن. اهو ئي سبب آهي جو انهن جي تحريرن ۾ لاڙي لهجو ڪتب آندل آهي ۽ لاڙي لهجو علمي ۽ ادبي ڪتابن ۾ زياده استعمال هيٺ رهيو جنهن ڪري ان کي معياري زبان سڏيو ويو (٣)

رسم الخط تيار ڪرڻ وارن ۾ ڪجهہ غير سنڌي بہ شامل هئا، جن کي سنڌ جي سياسي حدن کان ٻاهر دور دراز علائقن جي سنڌي محاورن ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف آوازن ۽ حرفن جي چڱي طرح ڄاڻ ڪا نہ هئي. جيڪي آواز ۽ اچار وچولي سنڌ ۾ مروج هئا تن جي بنياد تي انهن کي عربي رسم الخط جي مدد سان

---

١ . آڏواڻي پيرومل، "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٨٥ع، ص٦٣

٢ . مولوي عبدالحق ڊاڪٽر: "اردو صرف ونحو" ص ١١

٣. ميمڻ عبد الغفور سنڌي ڊاڪٽر: "نثري ادب"، ماهوار پيغام ڪراچي، نومبر ڊسمبر ١٩٨٨، ص ١٦.

هجي تنهن کي مونث يا مذکر واضح ڪرڻ لاءِ ڪن ٻين لفظن يا حرفن جو استعمال ڪيو ويجي ٿو. مثلاً: "مکِ" =م+ک پچاڙي /ا/

هاڻ هن لفظ کي ٻين محاورن ۾ جڏهن پچاڙي "اِ" حذف ٿئي ٿي ته ان کي مذکر يا مونث طور واضح ڪرڻ لاءِ ان ۾ اضافي حرف جوڙيو ويجي ٿو. مثلاً : "مکِ" بدران مونث لاءِ مکي" ۽ مذکر لاءِ "مکو" ڪري استعمال ڪيو ويجي ٿو. اهڙي طرح "گڏهہ" جي "هہ".ساڪن ٿيڻ جي صورت ۾ مذکر لاءِ "نر" ۽ مونث لاءِ "مادي" يا "ڪوتي" ۽ "ات" لاءِ "ڏاچي" جا لفظ گڏائي استعمال ڪيا وڃن ٿا. مطلب ته ڪنهن حرف علت ڳنڍڻ بدران نئون لفظ يا حرف ڳنڍيو ويو ٿو . جيئن ان کي واضح طور سمجهي سگهجي.

## لفظن جي جوڙ جڪ

هر ارتقا پذير ٻولي ۾ ٻين ٻولين مان حرف ۽ لفظ وٺي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي اهليت هوندي آهي. اهڙي طرح اسان جي ٻولي ۾ به ٻين پرواري ٻولين مان لفظ توڙي حرف حاصل ڪري پنهنجو ڪرڻ جي تمام گهڻي اهليت موجود آهي ، جنهن سبب هي ٻولي نہ صرف هڪ عظيم ۽ وسيع ٻولي جي حيثيت رکي ٿي بلڪہ انهن ٻولين جي خوبين سبب ان جا ڪيترائي محاورا وجود ۾ اچي چڪا آهن جيڪي ان جي عظمت جي ساک ڀرين ٿا.

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:" سنڌي ٻولي ۾ ايترا بي انداز عربي ۽ فارسي لفظ گڏجي پيا آهن جو گهڻو ڪري نج سنڌي ۽ عربي لفظن جي سڃاڻپ بہ مشڪل ٿي پئي آهي . سنڌي لکڻ جي اکرن يا صور تخطي کي "عربي سنڌي" تا چئون . گهڻا علمي لفظ عربي جا ڪم اچي ويا آهن . رڳو ٿوري عرصي کان ڪي ٿورا نالا سنسڪرت ٻولي جا ڪم اچڻ لڳا آهن . تنهنڪري "صرف ۽ نحو" جي بيان ڪرڻ ۾ اڪثر عربي واري ترتيب ۽ ترڪيب ڪم اچي ٿي (١).

ڪچي - بصل - ڪئينچي - چاڪون

ٿري - بصل - ڪئينچي - چاڪون

سنڌي ٻولي ۾ ڪي مفرد صوتيا بہ آهن جيڪي اسان جي صور تخطي ۾ ٻن جدا جدا حرفن جي شڪل ۾ لکيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ اهي ڳالهائڻ وقت مفرد حرفن جي حيثيت رکن ٿا. پر لکڻ ۾ انهن کي الڳ الڳ ٻن ٻن حرفن ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم علي نواز حاجن خان جتوئي ۽ مرحوم محمد سومارشيخ جن پنهنجن تصنيفن ۾ انهن جي مفرد حرف هجڻ جي ڪجهہ وضاحت ڪندا رهيا آهن. اهي حرف هي آهن: ڏهہ، ڙهہ، نهہ، لهہ، ٽهہ، مهہ، وغيره

---

١. مرزا قليچ بيگ، "سنڌي ويا ڪرڻ" پاڱو ٻيو، س-١-ب حيدرآباد ، ١٩٧١ع، ص ١-٢

متين مفرد حرفن سان اسان جي ٻولي ۾ ڪيترائي لفظ نهن ٿا. جيڪي لکت ۾ ٻن حرفن جي صورت ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. جيڪي حقيقت ۾ وسرگ اچارن وارا مفرد حرف آهن. جڏهن انهن حرفن جي مختلف لفظن جو مختلف محاورن ۾ نحوي جائزو وٺنداسين ته اسان کي انهن ۾ ڪافي فرق محسوس ٿيندو ڇو ته اهي ڪيترن ئي جاين تي پنهنجي وسرگائي حيثيت به وڃائي مڪمل طور اوسرگ اچارن ۾ استعمال ٿين ٿا. جن مان "هه" جو جزوي اچار به ختم ٿي وڃي ٿو. مثال طور:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| معياري: | ڪڏهن | ڇاڙهي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهه | سامهون |
| اترادي: | ڪڏهين | ڇاڙهي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهه | سامهون |
| ماڇڪي: | ڪڏين | ڇاڙي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهه | سامهون |
| جڏالي: | ڪڏين | ڇاڙي | ٻانون | ماٺون | ڳال | سامون |
| فراڪي: | ڪڏي | ڇاڙي | ٻانون | ماٺون | ڳال | سامون |
| ڪيترائي: | ڪڏ | ڇاڙي | ٻانون | ماٺون | گال | سامون |
| ڪوهستاني | ڪڏين | ڇاڙي | ٻانهون | ماٺهون | ڳال | سامهون |
| لاسي: | ڪَڙِ | ڇاڙي | ٻانو | ماٺو | گال | سامون |
| جدگالي: | ڪَڙ | ڇاڙي | ٻانو | ماٺو | گال | سامون |
| لاڙي: | ڪڏهين | ڇاڙهي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهه | سامهون |
| ڪڇي: | ڪڏئين | ڇاڙئي | ٻانو | ماٺو | ڳال | سامون |
| ٿري: | ڪڏئين، | ڇاڙي | ٻانو | ماٺو | گال | سامون |

ڪن محققن حرف "جهه" ۽ حرف "گهه" کي به مرڪب حرف چيو آهي پر حقيقت ۾ اهي ٻئي مرڪب نه بلڪ مفرد وسرگ حرف آهن. انهن حرفن ۾ بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي "هه" جو اچار ڪُلي طرح ادغام ٿي چڪو آهي. پر ظاهري طرح ان جي صورت ٻن حرفن جهڙي آهي جنهن سبب انهن کي مرڪب ڪوٺيو پيو وڃي.

سنڌي ٻولي ۾ ڪي اهڙا ٻيا بندشي حرف آهن جن ۾ گسڪيدار آواز بجاو "ر" جو لرزيدار آواز سمايل آهي (١) پر اسان جي صورتخطي ۾ اهي مفرد طور ڏنا ويا آهن. حالانڪ غور ڪجي ته اهي واضح طور مرڪب صورت ۾ ملن ٿا. جيڪي مختلف لفظن ۾ استعمال ٿيڻ وقت ننڍڙي گڏيل "ر" سان اچارجي استعمال ٿين ٿا. اهڙن حرفن مان "ٻ" "ڍ" ۽ "ٽ" حرفن بابت ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم محمد سومار شيخ ۽ سرڳواسي ڀيرومل آڏواڻي جن پنهنجن لکڻين ۾ ذڪر ڪيو آهي. پر راقم جي مشاهدي موجب

---

(١) جتوئي علي نواز حاجن خان، علم اللسان "سنڌي زبان" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو، ١٩٨٣ع، ص ٦٨

چوٿون حرف "ٺ" بہ موجود آهي جيڪو اسان کي ڪجهہ محاورن ۾ گڏيل ننڍي "ر" جي اچارن سان ملي ٿو. اهي چار ئي حرف اسان جي ٻولي ۾ سوين لفظن ۾ گڏيل "ر" سان استعمال ٿيندي ملن ٿا. هيٺ انهن جي مختلف محاورن جي لفظن ۾ استعمال ٿيڻ جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

(۱) حرف "ڊ" : هي حرف معياري محاوري کان علاوه ڪڇي، ڪوهستاني، اترادي، ماڇڪي، جهڏالي،فراڪي، لاسي، جدگالي، ڪيتراڻي محاورن ۾ بہ مرڪب طور استعمال ٿيندي ملي ٿو پر ڪٿي ڪٿي لاڙي، ٿري محاورن ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. ان حرف جا ڪجهہ لفظ هي آهن "جنڊ"، "ڪنڊ" "ننڊ" (۱) "ٻڪاڻ"، "ڏڊ" ۽ "ٻاهڻ" وغيره مٿي ذڪر ڪيل محاورن ۾ اهي "ر" سبب بدلجي ترتيبوار "چَنڊر"، "ڪنڊر"، "ننڊر"، "ٻڪاڻ" "ڏڊر" ۽ "ٻراهڻ" ٿين ٿا. جڏهن تہ جهڏالي ۽ فراڪي محاوري ۾ ٻرڪاڻ ۾ "ي" جو اضافو ڪري "ٻريڪاڻ" طور استعمال ڪيو وڃي،ٿو يعني "ٻ" مٿان استعمال ٿيندڙ پيش حذف ڪري "ي" کي "زير" سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه انهن لفظن جُون آ - اِ - آ پچاڙيون بہ حذف ڪيون وڃن ٿيون.

(۲) حرف "ٽ" : هي مرڪب حرف اترادي، ماڇڪي، جهڏالي، فراڪي، ڪوهستاني، ڪيتراڻي ۽ لاسي محاورن ۾ استعمال ٿئي ٿو. پر ڪٿي ڪٿي ڪڇي ۽ ٿري محاورن ۾ بہ "ر" جي اچارن سان ڪم اَچي ٿو. ان جا ڪي لفظ هي آهن "پٽ" بدران "پٽر"، "مائٽ" بدران "مائٽر"، "ڪٽي "بدران "ڪٽري"، "ڪاٽ" بدران "ڪاٽر"، "ڏاٽو" بدران "ڏاٽرو"، "آڳاٽو" بدران "آڳاٽرو" وغيره.

(۳) حرف "ڊ" : هي حرف اترادي ، ماڇڪي، جهڏالي، فراڪي، ڪوهستاني ۽ لاسي محاورن ۾ "ر" گاڏڙ استعمال ٿئي ٿو. ڪٿي ڪٿي لاڙي ۽ ڪڇي محاورن ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. مرڪب صورت ۾ اهو صرف "يو" (ڪاٺڻ) بدران "يَرو"، "واڍ" (رسو) بدران "واڍر"، "وڍ" بدران "وڍر" جي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو پران جون اعرابي پچاڙيون ٻين حرفن وانگر سيني محاورن ۾ حذف ٿيل هونديون آهن.

(۴) حرف "ٺ" : هي حرف جهڏالي، اترادي ۽ فراڪي محاورن ۾ گڏيل ننڍي "ر" سان ملي ٿو جيڪو تمام ٿورن لفظن ۾ استعمال ٿئي ٿو. لفظ "سٺو" معنيٰ چڱويا ان مان ٺهندڙ ٻين لفظن جهڙوڪ "سٺا"، "سٺيون" ۽ "سٺي" وغيره ۾ استعمال ٿيڻ وقت اهي "سٺرو" "سٺرا"، "سٺريون" ۽ "سٺري" طور ڪم اچن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل چار ئي حرف ظاهري طرح مفرد ۽ حقيقت ۾ مٿي ذڪر ڪيل محاورن ۾ مرڪب طور ڪم اچن ٿا جن جي ڪا بہ مخصوص صورت مقرر ٿيل نہ آهي جنهن سبب پڙهڻ وقت مرڪب ۽ لکڻ وقت مفرد هئڻ ڪري مونجهارو پيدا ٿئي ٿو.

---

(۱) شيخ محمد سومار؛ "ڪڇيءَ جا ڦول،" س - ا- ب حيدرآباد، ۱۹۷۷ع، ص ۵۳

## جملن جي جوڙجڪ

مٿي حرفن مان املا، لفظ ۽ مرڪب حرفن تي بحث ڪيو ويو آهي. هيٺ لفظن مان جملا جوڙڻ تي بحث ڪبو. ڳالهائڻ يا لکڻ وقت ڪن لفظن کي پاڻ ۾ گڏي استعمال ڪجي ۽ جن مان ڪو مقصد سمجهه ۾ اچي ته اهڙي سٽ کي جملو چئبو آهي.

هيٺ ٻولي جي مختلف محاورن جي ترتيب سان ڏنل جملن جي جوڙجڪ تي غور ڪبو ته اسان کي ڪافي فرق محسوس ٿيندو ۽ لفظن جي بناوت ۾ فرق نظر ايندو.

### جملو پهريون

| | |
|---|---|
| معياري: | آءٌ خط لکي رهيو آهيان |
| اترادي: | مان خط لکي رهيو هان |
| ماڇڪي: | مان خط لکندو پيو هان |
| جهڏالي: | مان خط لکندو پَيوهان |
| فراڪي: | مان خط لکنو پئو هان - آن |
| ڪيتراڻي: | مان خط لکنوَ پئو هان - آن |
| ڪوهستاني: | مان خط لکندو پيو هان |
| لاسي: | مان خط لکندو پيو هان |
| جدگالي : | مان خط لکندو پئو هان |
| لاڙي: | آءٌ خط لکي رهيو آهيان |
| ڪڇي: | آءٌ خط لکنو پئو هان |
| ٿري: | آءٌ خط لکي رئيو آئيان |

### جملو ٻيو

| | |
|---|---|
| معياري: | ٻکي اڏامي رهيو آهي |
| اتراتي: | ٻکي اڏري رهيو آهه |
| ماڇڪي: | ٻکي اڏرندو پيو آ |
| جهڏالي: | ٻکي اڏرندو پيو آ - هي |
| فراڪي: | ٻکي اڏرنو پئو آ - هئي |
| ڪيتراڻي: | ٻکي اڏرنو پئو اي |
| ڪوهستاني: | ٻکي اڏرندو پيو آهه |
| لاسي: | ٻکي اڏرندو پيو ۽ |
| جدگالي: | ٻکي اڏرندو پئو ۽ |
| لاڙي: | ٻکي اڏامي رهيو آهي |
| ڪڇي: | ٻکي اڏرنو رهو آئي |
| ٿري: | ٻکي اڏرنو رهئيو آئي |

جملو ٿيون

| | |
|---|---|
| معياري : | گڏ آهيون |
| اتراڏي: | گڏ اهيون |
| ماڇڪي: | گڏا ٿيون |
| جڳدالي: | گڏ هون |
| فراڪي: | گڏون |
| ڪيتراڻي: | گبون |
| ڪوهستاني: | گڏ اهيون |
| لاسي: | گڏون |
| جڏگالي: | گڏون |
| لاڙي: | گڏ آهيون |
| ڪڇي: | گڏ آيون |
| ٿري: | گڏ آئيون |

## جڳدالي محاورو

مٿين باب ۾ جڳدالي محاوري بابت ڪجهہ ذڪر ٿي چڪو آهي. سبب جي هن خطي ۾ مروج هن محاوري کي اڪثر جتن جي ٻولي سمجهيو ويجي ٿو جيڪو سرائيڪي ٻولي کان خاص طور ۽ بروهي ۽ بلوچي ٻولين کان عام طور متاثر نظر اچي ٿو. زير مطالع ايراضي جي وسيع علائقي ۾ جڳدالي محاورو مروج آهي. ڇو تہ ان خطي ۾ جت قومن جي اڪثريت آباد آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن علائقي جي سنڌي ٻولي کي عرف عام ۾ جڳدالي، جتڪي، جنڱڪي، يا ناڙيوالڪي ٻولي چيو وڃي ٿو. جيئن تہ هن خطي جي جتن توڙي ٻين سمات قومن کي جڳدالي جت، جاٽ، جٽ، جڻ، يا ناڙيوال چيو وڃي ٿو. ان ڪري انهن جي ٻولي کي بہ انهن جي نالن جي نسبت سان نالا ڏنا ويا آهن. البتہ ناڙيوالڪي نالو علائقائي حيثيت رکي ٿو جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل قومن کان علاوه وڏي تعداد ۾ هندو بہ آباد آهن، جيڪي سنڌي سان گڏ سرائيڪي، بلوچي ۽ بروهڪي ٻوليون بہ ڳالهائن ٿا.

ڪاڪو ڀيرو مل هن سلسلي ۾ لکي ٿو تہ : جيڪب آباد کان اتڪل پنجويهہ ڪوهہ پري قلات ۾ ڀاڳ ۽ ناڙي خطا آهن ۽ انهن کان ٿورو ئي پري ڇٽ ۽ روپاهہ آهن. انهن هنڌن کان آيل ڀاڳي، ناڙيوال، ڇاٽي ۽ روپاهي ٿا سڏجن. ڀاڳ ۽ ناڙي کان آيل ڀاڳناڙي ڪوٺجن ٿا. اهي اينري تعداد ۾ هئا جو سندن سنڌي ٻولي جي بلوچي ۽ پشتو ٻولين تي گهڻو اثر ٿيو. اهو پاسو بروچڪو جو ٿيو تہ اتي هندو بروچڪي تي اهڙو هري ويا. جو اڄ بہ ڀاڳناڙي، روپاهي وغيره گهرن ۾ سنڌي سان گڏ بروچڪي اينري قدر ڪم آڻين ٿا جو هن وقت سندن مادري زبانون بہ آهن هڪ سنڌي ٻي بروچڪي. (١)

---

(١) آڏواڻي ڀيرومل: " سنڌي ٻولي جي تاريخ،" س- ا- ب حيدرآباد ڇاپو ٽيون، ١٩٧٢ع، ص ١٠١، ١٠٢

بلوچستان جي اڪثر علائقن جا ماڻهو سنڌي ٻولي کي جدگالي (جڦدالي) چوندا آهن. "جتڪي"توڙي "جدگالي" ٻنهي جو مطلب ساڳيو آهي. بلوچ مومون سنڌي ڳالهائيندڙن کي مجموعي طرح جت/ جٽ چوندا آهن "گال" جو مطلب آهي ٻولي. جدگالي معنيٰ ( جد/جت) جتن يا جٽن واري ٻولي. جتڪي جو مفهوم بہ ساڳيو ئي آهي. (١)

جڦدالي محاوري جي صرف نحو ۽ صوتيات جي روشني ۾ اسان اڳتي هلي تفصيل سان روشني وجهنداسين، هت هن خطي ۾ موجود جڦدالي محاوري جي ننڍن محاورن جو مختصر جائزو وٺنداسين.

جتڪي : هي ٻولي جڦدالي محاوري جي ننڍي محاوري جي حيثيت رکي ٿي، جنهن کي جتڪي بہ چئجي ٿو. هن ننڍي محاوري ۾ ماڪي (مون کي) بدران ماڪ، توکي بدران توڪ، اسان کي بدران سانڪ، تهان کي (توهانکي) بدران تانڪ، هن کي بدران هوڪ، انن کي (انهنکي) بدران اونڪ (٢) جا لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا. هن محاوري ۾ سرائيڪي ٻولي جي آميزش تمام گهڻي انداز ۾ آهي.

ڇاڻي : جڦدالي محاوري جي علائقي ۾ ڪي اهڙا علائقا بہ شامل آهن جتي جي ٻولي خود جڦدالي محاوري کان بہ وڌيڪ معياري سنڌي ٻولي جي حيثيت رکي ٿي. جٽ ۽ ڦليجي هن خطي ۾ بہ اهڙا شهر آهن جتي جي ٻولي سنڌي ٻولي جي معياري محاوري جي ويجهو آهي. تنهن هوندي بہ اها جڦدالي محاوري جي ننڍي محاوري جي حيثيت رکي ٿي، جو تہ انهن شهرن جي آسپاس بروهي بلوچي ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ آباد آهن. هن شهر جا هندو حيدرآباد ۽ شڪارپور جا باشندا چيا وڃن ٿا. جيڪي اڄ تائين ڪيترن ئي لفظن جون پڇاڙيون معياري وانگر متحرڪ ڪري استعمال ڪن ٿا. مثلاً : ياءُ، ڪاءُ ، پيءُ، ماءُ، سيءُ، وَڄُ ۽ اَڄُ وغيره حالانڪ سنڌي ٻولي جي اتراڌي محاوري ۾ اهي لفظ غير متحرڪ طور استعمال ڪيا وڃن ٿا.

ياڳي يا ناڙيوالي : هي ننڍو محاورو، ياڳ شهر ۽ ان جي آسپاس ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن علائقي ۾ جٽن، لاشارين ۽ هندن جي تمام گهڻي آبادي آهي جن جي مادري زبان سرائيڪي آهي.

سرائيڪي ٻولي، معنيٰ سنڌ توڙي سنڌو ندي جي سري يعني مٿين ياڳي جي ٻولي، سرائيڪي جو ٻيو نمونو آهي " اُپي جي ٻولي. " پنجاب جوڏاڪڻو ياڳو يعني بهاولپور جي حد کان وٺي سنڌ جي اتر واري ياڳي تائين "اپو" سڏجي ٿو جنهن جو ضد آهي "لُو" يا هيٺيون ياڳو. ياڳي محاوري ۾ سرائيڪي ٻولي جي آميزش تمام گهڻي انداز ۾ موجود آهي. ايتري قدر جو نري گهٽ ٻيئي ٻوليون اڌ و اڌ يا گڏائي

---

(١) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي جو جيڪب آبادي لهجو." مخزن پيارمحبت، سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، ١٩٨٨ع، ص-٢٠

(٢) بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: " سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ." زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٨٠، ص ٣٨ - ٣٩

استعمال ڪيون وڃن ٿيون. مثلاً "هلڻ" بدران "ڇلڻ"، "ونڻ" بدران "گهنڻ"، "روئڻ" بدران "رووڻ" "چمڻ" بدران "چاوڻ"، "ڪائڻ" بدران "ڪاوڻ"، "پيو" بدران "اوبو" يا "ٻوجهو" استعمال ڪجي ٿو. سنڌي ٻولي جا مخصوص حرف ٻ ڏ ڄ ڃ ڳ ڱ ۽ ڻ سرائيڪي ۾ بہ ساڳي صورت ۾ موجود آهن انهي ڪري انهن جو استعمال ٻنهي ٻولين ۾ ساڳي طرح ڪيو وڃي ٿو جنهن ڪري ٻنهي ٻولين گڏجي هڪ ٿي ويون آهن.

جتڪي : جفدالي علائقي ۾ جعفر آباد جي تحصيل اوستہ محمد جي ڪيترن ئي ڳوٺن، جهڙوڪ : باغ ٽيل، گنداخہ، نوشڪي جديد ۽ ڪڇي ضلعي جي مشڪاف جي شهرن ۾ بروهين جي آبادي تمام گهڻي آهي، پر سنڌي ٻولي جي اڪثريت سبب اهي بروهي بہ سنڌي ڳالهائين ٿا، پر سنڌن لهجو جفدالي کان بہ بدليل آهي، جنهن ڪي ان جي ننڍي محاوري جي حيثيت ۾ جتڪي چئجي ٿو. جت حقيقت ۾ بروهي يا بلوچ هن خطي جي سماٽ قومن کي سڏين ٿا. جن شهرن ۾ بلوچ قومن جي گهڻائي آهي جهڙوڪ : اوستہ محمد، حيرالدين يا سئي (گنس) وغيره. اهڙن شهرن جي سنڌي ٻولي کي بہ اهي بلوچ عام طور جتڪي سڏين ٿا. بروهين وارن علائقن ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي ٻولي ۾ بروهي زبان جا لفظ ۽ اثرات نمايان آهن. جڏهن تہ بلوچي علائقن ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي ٻولي ۾ بلوچي جا لفظ ۽ اثر نمايان آهن. ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ هن سلسلي ۾ لکي ٿو تہ : بروهڪي ۽ بلوچي زبانون سنڌي ٻولي جون همسايہ ٻوليون آهن ۽ صدين کان وٺي هر سال سياري ۾ بروهي ۽ بلوچ قبيلا سنڌ ۾ پورهئي خاطر اچن ٿا ۽ صدين کان هن جي هڪ ٻئي سان لهہ وچڙ رهي آهي، جنهن سبب انهن ٻولين جا لفظ هڪٻئي جي ٻولين ۾ جذب ٿي چڪا آهن، مثلاً- گونگو بروهي ۽ بلوچي ۾ گنگ وغيره (١)

ان کان علاوه بروهي زبان جا ڪيترائي لفظ سنڌي زبان ۾ شامل هجڻ جي بہ وضاحت ڪندي هو لکي ٿو تہ " انهي امڪان جو انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ قديم دور جي منڊا ۽ دراوڙي ٻولين توڙي موجوده دور جي پاڙيسري بروهڪي ٻولي جا ڪي لفظ سنڌي ۾ رائج ٿي چڪا آهن" (٢)

جتڪي محاوري ۾ ڪيترائي بروهي زبان جا لفظ شامل ٿي چڪا آهن مثلاً "سوٽ" بدران "الہ مل" "ڪهاڙي" بدران "تقر" "لوٽي" بدران "گٽون" وغيره ان کان علاوه "توهان کي" بدران "تانڪي" "اسان کي" بدران "سانڪي" "مونکي" بدران "مانڪي" جا متاثر سنڌي لفظ بہ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

سئي، ڊيره بگٽي ۽ ڪوهلو علائقن جي ميداني شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جتي بلوچن جي اڪثريت آباد آهي، جتڪي سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي جيڪا بلوچي کان متاثر آهي. مثلاً "ولر" ڏاندن جو "گورم" "ترار" بدران "زهمر" "ڪڪر" بدران "جمر" بارگير جانور بدران "اولاڪ" جا بلوچي لفظ سنڌي ۾ استعمال ٿين ٿا. ان کان

(١) بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ،" ص ١٢
(٢) بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ ، ص٣٥

علاوه بلوچي زبان کان متاثر لفظن مان "لڏڻ " بدران "لبڻ" "لڳڻ" بدران "لڱڻ" "هائي" بدران "هني" "تون" بدران "تو" استعمال ٿين ٿا.

حرف ڙ-ل : اهي ٻيئي حرف نہ صرف جهدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ استعمال ٿين ٿا بلڪ لاسي، ڪوهستاني، جدگالي، ڪيتراڻي ايتري قدر جو ٿري بلڪ معياري محاوري ۾ پڻ انهن جو استعمال ٿو ٿئي خاص طور حرف "ڙ"تہ پوري سنڌ ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

حرف "ڙ" جو استعمال ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي بہ پنهنجي تحقيقي سنڌي لغات (١) ۾ ڪيو آهي. محترم ج ع منگهاڻي بہ لاسي لهجي ۾ ان جي استعمال بابت لکيو آهي . حقيقت ۾ هي حرف فارسي زبان جو آهي جيڪو بلوچي ۽ بروهي زبانن کان سنڌي زبان ۾ شامل ٿيو آهي ۽ هن وقت مڪمل طور استعمال ٿيندو رهي ٿو.

حرف "ل" اصل ۾ بروهي زبان جو حرف آهي جيڪو جهدالي محاوري کان علاوه فراڪي، لاسي، ڪوهستاني، ڪيتراڻي ۽ ٿري محاوري ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. جنهن جا ڪجهہ مثال مٿي ڏنا ويا آهن.

## فراڪي محاورو

اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ هي محاورو سبي ضلع جي وچين علائقن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.هن محاوري تي خطي جي مقامي ٻولين پشتو، بلوچي، بروهي ۽ سرائيڪي ٻولين جو نمايان اثر آهي. هن خطي جي سنڌي ٻولي ۾ معياري محاوري کان ايترو تہ فرق آهي جو جيڪڏهن لاڙ يا ٿر علائقي جو ڪو ماڻهو، هن علائقي ۾ اچي تہ اهو هتان جي ٻولي چڱي طرح سان سمجهي ڪونہ سگهندو ڇو تہ انهن محاورن ۽ هن خطي جي فراڪي محاوري ۾ وڏو فرق موجود آهي. جيڪڏهن هتان جي ڪنهن ماڻهو کي ڏهن سالن لاءِ ڪٿي سنڌ جي ڪنهن وچ واري علائقي ۾ رهائجي تڏهن بہ سندس هي لهجو بدلجي ڪو نہ سگهندو (٢) ۽ هو پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳالهائيندو رهندو. هن خطي جي سنڌي ٻولي تي منهنجي خيال موجب اٽڪل ٣٠ سيڪڙو اثر ٿيو آهي جنهن سبب ان ٻولي نئين محاوري جي صورت اختيار ڪئي آهي (٣).

هتان جي سنڌي ٻولي کي "ملڪي" "وطني" "جٽڪي" "جٽڪي" ۽ جٽڪي نالن سان بہ سڏيو وڃي ٿو، پر ڪٿي ڪٿي ان کي "فراڪي" نالي سان بہ سڏيو

---

١. سنديلو عبدالڪريم، "تحقيق لغات سنڌي" ڇاپو پنجون، س - ا - ب حيدرآباد، ١٩٨٠، ص ١٩

٢. بروهي داد محمد خادم، " سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني اڀياس،" ١٩٨٤ع، سنڌ يونيورسٽي سنڌي شعبي لاءِ مونو گراف، ص٣

٣. ايضاً، ص ٣

خجڪ ۽ پٺي پٺاڻن جي سنڌي زبان کي خڙڪي ۽ پٺڪي چيو وڃي ٿو جڏهن ته سيلاچين جي سنڌي زبان کي حسڻڪي چيو وڃي ٿو. اهي ٽئي محاورا، فراڪي محاوري جي ننين محاورن جي حيثيت رکن ٿا.

خڙڪي : هي محاورو فراڪي محاوري جي ننڍي محاوري جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو خجڪ قوم جا پناڻ ڳالهائين ٿا ۽ جنهن ۾ اڌو اڌ پشتو ۽ سنڌي شامل آهي. هي نالو به خجڪ قوم جي نالي جي نسبت سان قائم ٿيل آهي. "خجڪ" لفظ پشتو جي "غڏڙه" معنيٰ مٺاڻ مان نڪتل آهي. جيڪو اڳتي هلي خجڪ نالي سان مشهور ٿيو آهي. پٺاڻن ۾ ان کي "خڙڪ" چيو وڃي ٿو يعني "غ" بدران "خ" ۽ "ڙ" وري "ج" ۾ بدلجي "خجڪ" ٿيو آهي. سبي جي پر سان خجڪن جو علائقو آهي. جتي هو "خڙڪي" سنڌي ڳالهائين ٿا. هن خطي ۾ خجڪ ٿي هڪ واحد پٺاڻ آهن جيڪي پنهنجي گهرن ۾ سنڌي گاڏڙ پشتو ڳالهائين ٿا (١) باقي ٻيون سڀ پٺاڻ قومون گهرن ۾ سنڌي ڳالهائين ٿيون.علائقي ۾ سنڌي ٻولي جي اڪثريت ۾ هئڻ سبب هنن پنهنجي پشتو ٻولي کي به سنڌي گاڏڙ پشتو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن سنڌي ڳالهائين ته اها به پشتو گاڏڙ سنڌي آهي. مثلاً

"آٽر ٻوري راوڙا تي ڏاند تي چڙون "

يعني. آٽر اٿيو ته ڏاند تي چڙهان.

آٽرٻوري = ڏاند جا آٽر. راوڙا = اٿيو. تي = ته ۽ چڙون = چڙهان

راوڙا پشتو جو لفظ آهي. ڏاندن جا آٽر ان ڪري استعمال ڪيل آهي جو هن علائقي ۾ ڏاندن ۽ ڳئون تي سواري ۽ بار برداري ڪئي وڃي ٿي. خڙڪي ۾ توهان بدران "تان" "اسانِ" بدران "سان" چيو وڃي ٿو. سنڌي ۾ هو دامن کي "لمن" چون ٿا. جيڪو پشتو جو لفظ آهي.

پَٽڪي : فراڪي محاوري جو هي ٻيو ننيو محاورو آهي. جيڪو پٺاڻن جي پٽي قوم ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هي ٻولي پشتو کان متاثر آهي. اهي گهرن ۾ به اها سنڌي ڳالهائين ٿا (٢) هي محاورو به خڙڪي سان ملي جلي ٿو. جو ته جيڪڏهن هو پشتو ڳالهائين ته اڌ سنڌي لفظ ملائين ٿا پر جيڪڏهن سنڌي لفظ ڳالهائين ته ان ۾ اڌ لفظ پشتو جا ملائين ٿا. مثلاً سنڌي جملو هيٺن اٿن : ايٿو تبر راوڙا ڪاٺي گنٿون؛ معنيٰ: اهو ڪهاڙو آڻ ته ڪاٺيون ڪپيان.

هن جملي ۾ "تبر" معنيٰ "ڪهاڙي" ۽ "راوڙا" معنيٰ "آڻ" پشتو جا لفظ آهن. جڏهن ته گنٿون معنيٰ "ڪپيون" بلوچي ۽ بروهي زبانن جو لفظ آهي، جيڪو هن خطي ۾ سنڌي ٻولي ۾ شامل ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو.

سنڌن پشتو زبان جو هڪ جملو ٿيندو.

---

١.انور رومان پروفيسر، "بلوچستان ڪي قبائل" حصو ٻيو، گزيٽيئر بينظير انٽر پرائيز پبليشرز ڪوئٽہ ٨٧- ١٩٨٦ع، ص ١٣٧

٢. ايضاً

"لاري سره نہ چڙون بوءِ بُرڙي"

معنيٰ - لاري تي ڪونہ چڙهندس بوءِ ساڙيندي

هن جملي ۾ "سره" معنيٰ "تي" ۽ "برڙي" معنيٰ" ساڙيندي" پشتو جا لفظ آهن. جڏهن تہ جملي ۾ ٻيا سڀ سنڌي ٻولي جا لفظ آهن. غور ڪجي تہ سنڌن پشتو جي جملي ۾ ڇهن لفظن ۾ صرف ٻہ لفظ پشتو جا آهن ۽ ٻيا سڀ سنڌي زبان جا لفظ آهن. البتہ سنڌن جملي جي جوڙجڪ ۽ جهيلار مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پشتو ٻولي ۾ ڳالهايل آهي.

حسنڪي

فراڪي محاوري واري هن علائقي ۾ حسنڪي هڪ اهم ننڍي محاوري جي حيثيت رکي ٿو. ان جي آسپاس ويٺل سيلاچي قوم جا ماڻهو ڳالهائين ٿا، جيڪي اصل ۾ ڪيتراڻ قوم جي حسني شاخ سان تعلق رکن ٿا. ان ڪري انهن جي ٻولي تي "حسنڪي" نالو قائم ٿيو آهي. حسنين جي ٻولي اصل ۾ ڪيتراڻي محاورو آهي. جڏهن هو هن خطي ۾ اچي مستقل طورآباد ٿيا تہ سنڌن ڪيتراڻي محاوري هتان جي ٻولين کان متاثر ٿي ننڍي محاوري جي حيثيت حاصل ڪري ورتي، جنهن کي هڪ ئي وقت فراڪي ۽ ڪيتراڻي محاورن جو ننڍو محاورو چئي سگهجي ٿو. هن محاوري تي پشتو،بلوچي ۽ بروهي زبانن جو اثر نمايان آهي. سرائيڪي جو اثر بہ ڪي قدر موجود آهي. هن محاوري ۾ حرف "ل" بہ شامل آهي جيڪو "ڇالي" معنيٰ ٻڪري ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. سنڌن هڪ ننڍو جملو هيٺن ڏيندو.

"ڇالي مُنج" معنيٰ: ٻڪري موڪلي ڏي.

ڪيتراڻي ۾ ٻڪري کي "ڇالي" (١) چيو وڃي ٿو جيڪو حسنڪي ۾ بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهڙي طرح هڪ ٻيو جملو هيٺين طرح آهي .

"تان جا نام ڇاءِ" معنيٰ: تنهنجو نالو ڇا آهي.

هن جملي ۾ "نام" پشتو ۽ بلوچي ۽ بروهي زبان جو لفظ ڪم آندو ويو آهي

"ڪين تا پتر آن" معنيٰ: ڪنهن جو پٽ آهين.

هن جملي ۾ "جو" بدران "تا"، "پٽ" بدران "پُتر" ۽ "آهين" بدران "آن" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

حسنڪي ۾ "تون" بدران "تان" "مان" بدران "مين" "منهنجو"بدران "مينجا" "تنهنجو" بدران "تانجا" "اسان جا" بدران "سانجا" چيو وڃي ٿو.

حسنڪي ۾ "کي"بدران "ک" جو اچار استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً "اسان کي" بدران "سانک"، "توهان کي" بدران "تانک"، "انهن کي" بدران "اونک" ۽ "مون کي" بدران "مينک" چيو وڃي ٿو. مجموعي طرح هن محاوري تي ڪيتراڻي

---

١. انور رومان پروفيسر: "بلوچستان ڪي قبائل" ص ٣٧

نحوي جوڙجڪ وقت انهن تبديلين جي ڪري لفظن کان علاوه جملن ۾ به فرق ٿي سگهن ٿا. اهي ٽئي اعرابون خطي جي مقامي ٻولين يعني بروهي، بلوچي، پشتو ۽ سرائيڪي ٻولين جي اثر سبب حذف ٿي وڃن ٿيون ڇو ته انهن چئني ٻولين ۾ اهي ٽيئي اعرابون پڇاڙيءَ ۾ ڪونه آهن. جن جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي به ٿيو آهي.

## الف ۽ هہ جي تبديلي

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ حرف الف ۽ هہ جي تبديلي مشهور لغوي بدل آهي مثلاً، نينهن= نيئن، سماهہ= سماع، ماهو= مائو (١). سبي خطي جي ٻنهي محاورن ۾ به اها تبديلي مروج آهي، جنهن ۾ حرف "هہ" کي ڪيترن ئي لفظن ۾ "ء" جي اچار سان استعمال ڪجي ٿو. ڪٿي ڪٿي "ي" ۽ "و" جو به اضافو ٿئي ٿو.

| معياري | جڦدالي | حذف | اضافو | فراڪي | حذف | اضافو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آهستي | آستي | هہ | - | أستي | هہ | - |
| منهن | مونڱ | هہ-ن | و-ء | مُون | هہ-ن | و |
| جهڙو | جيڙهو | - | ي | جيڙو | هہ | ي |
| ڪهڙو | ڪيڙهو | - | ي | ڪيڙو | هہ | ي |
| اَهڙو | اوهڙو | - | ي | ايڙو | هہ | ي |
| اهڙو | اوڙهو | - | و | اوڙو | هہ | و |
| ڪاريهر | ڪارئير | هہ | ء | ڪارئير | هہ | ء |

## حرف "ي" بدران "ء" جو اضافو

ٻنهي محاورن جي ڪن لفظن مان حرف "ي" جي حذف ٿيڻ ۽ حرف "ء" جو استعمال ٿيڻ به مروج آهي. مثلاً:

| معياري | جڦدالي | فراڪي |
|---|---|---|
| ٿيا | ٿئا | ٿئا |
| هيا | هَا | آها |
| ولايت | ولائِت | ولائيت |
| جڳايو | جڳائو | جڳائو |
| ٻڌايو | ٻڌايو | ٻڌايو |
| چڙهايو | چڙهائو | چڙائو |

مٿين لفظن ۾ "ولايت" بدران جڦدالي ۾ "ولائِت" ۾ فراڪي ۾ "ولائيت" استعمال ٿيل آهي. جتي "ي" حذف ڪانہ ٿي لٿي بلڪ حرف "ء" جو اضافو ان ۾ موجود آهي. جيئن جڦدالي ۾ ظاهر آهي.

---

(١) بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، "ٻيلاين جا ٻول" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ڇاپو ٻيو، ١٩٧٣ع، ص ٧٥

| معياري | جڳدالي | فراڪي |
|---|---|---|
| ٻنڀور | ٻمبور | بمبور |
| مڃي | مڃي | مڇي |
| هٽ | هٽ | هت |
| سپ | سب | سب |
| ٻرتي | ٻرٽي | برتي |
| ڪاٽو | ڪاٽو | ڪادو |
| پنڌ | پند | پند |
| ڏينڀو | ڏيمبو | ڊيمبو |
| جهڙ | جهڙ | جڙ |
| ڦيٽو | ڦيتو | پيتو |
| ٺونٺ | ٺونٽ | ٺوٽ |
| ٻڳو | ٻڳو | بگو |
| گهوڙو | گهوڙو | گوڙو |
| چاڙهي | چاڙي | چاڙي |
| ماٺهو | ماٺو | ماٺو |
| ڪونهي | ڪوني | ڪوني |
| ٽوڪي | ٽوڪي | ٽوڪي |
| گهاٽو | گهاٽو | گاٽو |
| منڍ | منڍ | منڊ |
| ٽمڀو | ٽمبو | مبو |
| ٻولو | ٻولو | بولو |
| ٻاجهه | ٻاڄ | ٻاڄ |
| سانجهي | سانجي | سانجي |
| لوڙهو | لوڙو | لوڙو |
| ساجهر | ساجر | ساجر |
| گهگهو | گگو | گگو |
| جهولي | جهولي | جولي |
| ٽوٽي | ٽوٽي | ٽوٽي |
| گهوٻو | گهوٻو | گوبو |
| ٻلجڻ | ٻلجڻ | بلجڻ |
| ڳوٽري | ڳوٽري | گوتري |
| ڪٽ | ڪٽ | ڪٽ |

(١) بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ"، ڇاپو ٻيو، ص ٣٩

## دفعو يا وارو ڏيکاريندڙ عددن ۾ ڦيرو

هيڪار- هيڪوار - ٻهر- ٻهار (ٻه وار)- ٽهر - ٽهار (ٽي وار) انهن کي دفعو يا وارو ڏيکاريندڙ عدد چئبو آهي. انهن انگن ۾ دفعو، پيرو، گهمرو، لڳو ۽ وارو لفظ به گڏبا آهن؛ جيئن پهريون دفعو، ٻيو پيرو، ٽيون گهمرو، چوٿون لڳو، پنجون وارو وغيره (١).

جڳدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ مٿيان معياري لفظ ٿوري فرق سان استعمال ٿين ٿا، مثلاً:

| معياري | جڳدالي | فراڪي |
|---|---|---|
| ٻهر، ٻهار، ٻه وار | ٻيهر | ٻيئر |
| ٽهر، ٽهار، ٽي وار | ٽريهر | ٽريئر |

ٻهر بدران "ٻيهر" چيو وڃي ٿو ۽ "ٻهار" استعمال ڪونه ٿئي اهڙي طرح ٽهر بدران "ٽيهر" چيو وڃي ٿو. فراڪي ۾ ٻنهي مان "هه" جو اُچار حذف ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته ٻنهي محاورن ۾ "ٽ" جو اچار ننيڙي گڏيل "ر" جي اُچار سان شامل ڪري استعمال ڪجي ٿو.

## حرفن جو حذف ٿيڻ

"ي" بدران "و" جو استعمال: ٻنهي محاورن جي حرف "ي" وارن لفظن جي استعمال جو جائزو وٺبو ته اسان کي ان بدران "و" جو استعمال نظر ايندو، اها تبديلي سرائيڪي ٻوليءَ جي اثر جو نتيجو آهي.

| معياري | جڳدالي | فراڪي |
|---|---|---|
| ڪايان ٿو | ڪاوان ٿو | ڪاوان ٿو |
| لڪايان ٿو | لڪاوان ٿو | لڪاوان ٿو |
| پڙهايان ٿو | پڙهاوان ٿو | پڙاوان ٿو |
| رڪايان ٿو | رڪاوان ٿو | رڪاوان ٿو |
| ڏيڻ | ڏيوڻ | ڏيوڻ |

مٿين لفظن ۾ "ي" بدران "و" جي استعمال سان گڏ فراڪي ۾ "هه" جو حرف به حذف ٿي ويل آهي، جيئن "پڙهاوان" بدران "پڙاوان" وغيره.

"ع" بدران "ن" جو استعمال: ٻنهي محاورن ۾ ڪيترن ئي لفظن مان حرف "ع" بدران "ن" جو استعمال ٿئي ٿو. ڪڇي ۽ ڪانياواڙي محاوري ۾ به "ع" جو حرف "ن" ۾ تبديل ٿئي ٿو. مثلاً:

(١) آڏواڻي ڀيرومل: "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ"، ص ٨١

عدد واحد لفظن مان "ي" حذف ٿيڻ:

| | | |
|---|---|---|
| معياري | جهدالي | فراڪي |
| ڪريان | ڪران | ڪران |
| پريان | پران | بران |
| چليان | چڏان | چڏان |
| چوريان | چوران | چوران |
| ڪوليان | ڪولان | ڪولان |
| بوليان | بولان | بولان |

جمع لفظن مان "ي" حذف ٿيڻ

معياري محاوري ۾ واحد لفظ سان "يون" ملائبو تہ اهو جمع ٿي ويندو پر جهدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ "اون" ملائي جمع ڪيو وڃي ٿو. يعني انهن مان "ي" جو اچار حذف ڪيو وڃي ٿو.

| | | |
|---|---|---|
| معياري | جهدالي | فراڪي |
| جاڻيون | جاڻون | جاڻون |
| پاليون | پالون | پالون |
| باهيون | باهون | بائون |
| جاليون | جالون | جالون |
| پڙهايون | پڙهائون | پڙائون |
| لڪايون | لڪائون | لڪائون |
| پريون | پرون | برون |
| سوريون | سورون | سورون |
| چوريون | چورون | چورون |
| ناهيون | ناهون | نائون |
| لاهيون | لاهون | لائون |
| پهريون | پهرون | پهلون |

مٿين ڪيترن لفظن ۾ "ي" حذف ٿي وڃڻ کان پوءِ "ء" استعمال ٿيو آهي، مثلاً: "باهيون" بدران فراڪي ۾ "بائون"، "پڙهايون" بدران فراڪي ۾ "پڙائون"، "ناهيون" بدران "نائون" وغيره. ان کان علاوه لفظ "پهريون" ۾ "ي" کان علاوه "ر" بہ حذف ٿي ان بدران "ل" استعمال ٿيو آهي.

---

(۱) الانا غلام علي الانا ڊاڪٽر "سنڌي معلم"، ص ۸٦

## "ن" بدران "ڻ" جو استعمال

سبي خطي جي فراڪي محاوري ۾ ڪي لفظ اهڙا آهن جن ۾ حرف "ن" بدران حرف "ڻ" جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً:

| معياري | جهڏالي | فراڪي |
|---|---|---|
| ان (ڪي) | ان (ڪي) | اڻ (ڪي) |
| هَن | هن | هَڻ |
| انهيءَ جو | انهي جو | اٿي جو |
| انهيءَ ڪي | انهي ڪي | اٿن ڪي |
| انهن جو | انن جو | اٿن جو |
| هِنن جو | هِنن جو | هِٿن جو |

## "ڻ" جو حذف ٿيڻ

سنڌي ٻوليءَ ۾ لاءِ بدران "ڪاڻ" جو صيغو استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو هن خطي ۾ بہ مروج آهي. پر ٻنهي محاورن ۾ "ڪاڻ" جو "ڻ" حذف ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي جاءِ تي "ن" استعمال ڪيو وڃي ٿو مثلاً:

| معياري | جهڏالي | فراڪي |
|---|---|---|
| توڪاڻ | توڳان | توڪان |
| مون ڪاڻ | مان ڪان | ماڪان |
| ڇاڪاڻ | ڇاڪان | ڇاڪان |
| ڪنهنجي ڪاڻ | ڪينجي ڪان | ڪينڪان |
| جنهنجي ڪاڻ | جينجي ڪان | جينڪان |
| منهنجي ڪاڻ | منجي ماڪان | ماڪان |
| تنهنجي ڪاڻ | تنجي ڪان | توڪان |
| هن جي ڪاڻ | هِن ڪان | هِڻ ڪان |

مٿين لفظن ۾ استعمال ٿيندڙ "ڪاڻ" حقيقت ۾ سرائڪي ٻولي جو لفظ آهي، جيڪو لاءِ بدران ڪم آندو وڃي ٿو. سرائيڪي جي گهڻي اثر سبب اهو لفظ هن خطي ۾ بہ مروج آهي.

## "ن" غني جو اضافو

ٻنهي محاورن ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ استعمال ٿين ٿا جن ۾ "ن" غني جو اضافو ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً

اهڙن اچارن جو استعمال هن خطي جي ٻنهي محاورن ۾ شامل آهي. مثلاً، "چنچر" بدران "شنشر"، "پيچ" بدران "پش"، "مچي" بدران "مشي"، "چوڪرو" بدران "شوڪرو" وغيره. هي سلسلو سنڌ ۾ لاڙڪاڻي جي علائقي ۾ تمام گهڻو آهي.

## الف جو اضافو

ٻنهي محاورن ۾ ڪي لفظ اهڙا به آهن جن ۾ الف جو اضافو ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً:

| معياري | جهالي | فراڪي |
|---|---|---|
| انجام | انجام | اَجام |
| مجلس | مجالس | مجالس |
| دَهشت | داشت | داشت |
| ڪچهري | ڪچاهري | ڪچاري |
| نمونو | نامونو | نامونو |
| جڳائڻ | جاڳائڻ | جاڳائڻ |

## "هه" جو اضافو ٿيڻ

ٻنهي محاورن جي صوتياتي نظام مطابق جڏهن اسان انهن جي معياري محاوري سان ڀيٽ ڪريون ٿا ته ڪن لفظن مان اسان کي "هه" ويڃنجن جو اضافو ٿيل نظر اچي ٿو. اهو حقيقت ۾ براهوي زبان جو صوتياتي اثر آهي جو ته اُن جي ڪيترن ئي اهڙن لفظن ۾ "هه" ويڃنجن جو اضافو ڪيو وڃي ٿو. مثلاً: "پردو" بدران "پردهه"، "ميوو" بدران "ميوه"(١)، "سفارش" بدران "سفهارشت"، "اَچ" (اث) بدران "هَچ" (٢) جا لفظ "هه" جي اچارن سان ڪم آيل آهن. هيٺ ٻنهي محاورن جا ڪي اهڙا لفظ پيش ڪجن ٿا:

| معياري | جهالي | فراڪي |
|---|---|---|
| داناءُ | داناهه | داناهه |
| ڏاڏا | داهڏا | داهڏا |
| وياج | وهاج | وهاج |
| لڪڻ | لهڪڻ | لهڪڙ |

(١) عزيز مينگل: "شيروشڪر" براهوئي آرٽس اڪيڊمي ڪوئٽه، ١٩٨٣ع، ص ٢١
(٢) براهوئي نور محمد پروانه "براهوئي قائده" براهوئي اديبي بورڊ ڪوئٽه، ١٩٦٦ع. ص ٢٠

مٿين لفظن مان "داناءُ" ۾ "ءُ" بدران "هہ"، "وياج" ۾ "ي" بدران "هہ" جو اچار شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو "لهڪڻ" يا "لهڪڙ"، "داهنا" وغيره ۾ اضافي طور استعمال ڪيل آهي.

"هہ" جو حذف ٿيڻ

ٻنهي محاورن ۾ ڪي لفظ اهڙا آهن، جن مان "هہ" جو اچار حذف ٿي وڃي ٿو. ڪن لفظن ۾ جهڏالي محاوري ۾ "هہ" بدران "ء" جو اچار شامل ٿئي ٿو، پر فراڪي ۾ ائين ڪو نہ ٿو ٿئي مثلاً:

| معياري | جهڏالي | فراڪي |
|---|---|---|
| لوڙهو | لوڙو | لوڙو |
| ڪاڙهو | ڪاڙو | ڪاڙو |
| ڦاڙهو | ڦاڙو | ڦاڙو |
| چاڙهو | چاڙو | چاڙو |
| رلهي | رلي | رلي |
| ملهہ | مل | مل |
| سلهہ | سل | سل |
| آهستي | آستي | آستي |
| چهہ | چئہ | چہ |
| چانهہ | چانئہ | چان |
| ڏينهن | ڏينئن | ڏين |
| مينهن | مينئن | مين |
| ٻانهن | ٻانئن | ٻان |
| ڪونهي | ڪوني | ڪوني |
| مالهي | مالي | مالي |
| چلهو | چِلو | چِلو |
| سنهون | سنئون | سنون |

سنڌي ٻوليءَ ۾ "ڪان" بدران "آن" استعمال ڪجي ٿو. مثلاً "گهر ڪان" بدران "گهران" (١) وغيره. پر هن خطي ۾ "آن" بدران "ئون" استعمال ڪيو وڃي ٿو، مثلاً: "وچان" بدران "وچئون"، "شهران" بدران "شهرئون"، "هنڌان بدران "هنڌئون" وغيره. ٻنهي محاورن ۾ ان قسم جي سيني لفظن ۾ "ئون" جو استعمال مروج آهي. هيٺ ان قسم جا ڪي لفظ پيش ڪجن ٿا :

---

(١) گربخشاڻي هوتچند مولچند: "مقدمہ لطيفي"، ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي، ڇاپو ٽيون، ١٩٧٧ع، ص٢٠٣

## "هہ" ۽ "ن" جو گڏيل حذف ٿيڻ

معياري محاوري ۾ "هہ" ۽ "ن" گڏجي حذف ٿين ٿا. اهو اصول ڪاٺياوازي محاوري ۾ رائج آهي، جتي "ڪڏهن" کي "ڪڏي" چيو وڃي ٿو (١) اهڙي طرح هن خطي جي ٻنهي محاورن سان بہ اهو اصول لاڳو آهي، پر انهن جي حذف ٿيڻ سان گڏ "ي" جو اضافو بہ ٿئي ٿو ۽ ڪن لفظن مان "ن" حذف ڪو نہ ڪيو ٿو وڃي، مثلاً:

| فراڪي | جڳدالي | معياري |
|---|---|---|
| جڏي | جڏين | جڏهن |
| ڪڏي | ڪڏين | ڪڏهن |
| تڏي | تڏين | تڏهن |
| جاڏي، جيڏي | جاڏي | جيڏانهن |
| ڪاڏي، ڪيڏي | ڪاڏي | ڪيڏانهن |
| تاڏي، تيڏي | تاڏي | تيڏانهن |
| هوڏي | هوڏي | هوڏانهن |
| هيڏي | هيڏي | هيڏانهن |
| اوڏي | اوڏي | اوڏانهن |
| ايڏي | ايڏي | ايڏانهن |

مٿين لفظن مان پويان ست لفظ اهڙا آهن ، جن ۾ ا،ن،هہ ،ن، بدران صرف "ي" استعمال ڪيو وڃي ٿو اهو سلسلو اتراڏي،ماڇڪي ۽ بلوچستان جي ٻين محاورن ۾ بہ رائج آهي. فراڪي ۾ ڪاڏي ،جاڏي ، تاڏي جو "الف"حذف ٿي "ي" استعمال ٿئي ٿو.

## "س" بدران "م" جو استعمال

ٻنهي محاورن ۾ معياري محاوري وانگر "س" بدران "م" جو استعمال ڪيو وڃي ٿو ، مثلاً "هلندس" بدران جڳدالي "هلدم" فراڪي "هلدم" ، "پڙهندس" بدران جڳدالي "پڙهدم" ۽ فراڪي "پڙدم" ،وڙهندس" بدران جڳدالي "وڙهدم" ۽ فراڪي "وڙدم" ، "سمهندس" بدران "سمهدم" جڳدالي ۽ فراڪي "سمدم" استعمال ڪيا وڃن ٿا. مٿين لفظن ۾ نہ صرف "س" بدران "م" استعمال ڪيو ويو آهي بلڪ ڪن لفظن مان "ن" بہ حذف ٿيل آهي. ان کان علاوه "د" مٿان پيش

(١) عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر؛ "ميمڻي ڪاٺياواڙي محاوري جو لساني جائزو"، ص ١٢

| معياري | جنڊالي | فراڪي |
| --- | --- | --- |
| روزانہ | هروز | ڏهاڙون |
| لسي | تنورو | تنورو |
| آچار | ڪٽو | ڪٽو |
| عادت | علت | علت |
| بخار | تپ- ڪوسو | تپ- ڪوسو |
| زخم | ٽپ | ٽپ |
| ڪوڪو | ميخ | ميخ |
| آءُ | مان | مان |
| هاڙهي | پيلهہ | پيلهہ |
| ڪيس | ان کي | اڻ کي |
| سندس | انهي جو | اڻي جو |
| ساڻس | انهي سان | اڻي سان |
| هينئر | هاڻي | هاڻي |
| خالي | سڪٽو | سڪٽو |
| واندو | نمڪٽو | نمڪٽو |
| چڱو | ڪاشو | ڪاشو |
| ٺيرو | سَنڪو | سَنڪو |
| اڪيلو | هيڪل | هيڪل |
| موڪليو | مُڪو | مُڪو |
| اندر | منجهہ | منجهہ |
| ٻيو | ڏوجهو | ڏوجهو |
| جيتوڻيڪ | توڙيجو | توڻيجو |
| لاحول | اِلاخوت | اِلاخوت |
| ڪاهِ | هڪل | هڪل |
| هَل | چَل | چَل |
| ٻچيل | بَتل | بَتل |
| جتي | گهيتلو | گهيتلو |
| گوڏِ | منجهلو | منجهلو |
| شام | سنجهو | سنجهو |
| ٻپهري | پيشي | پيشي |
| منهن موڙي ڏسڻ | چڪ هڻڻ | چڪ هڻڻ |

| معياري | جغدالي | فراڪي |
|---|---|---|
| پابند، آزاد | پائبند- آزات | پا.بند- آزات |
| امن، فساد | امن- فشاد | امن- فشاد |
| حقيقي، مجازي | حقيقي- مجاجي | حقيقي- مجاجي |
| دوست، دشمن | دوست- دشمن | دوس- دزمن |
| ڏنو، ورتو | ڏنو- وٺيو | ڏنو- وٺيو |
| صبح، سانجهي | صبوح- سانجهي | صبو- سانجي |
| عورت، مرد | عورت- مڙد | عورت- مڙد |
| ڳرو، هلڪو | ڳورو- هلڪو | ڳڙو- هلڪو |
| تنگ دست، خوشحال | تنگ دست- خوشال | تنگ دست- خوشال |
| اشراف، ڪميڻو | اشراڦ- ڪمينو | اشراڦ- ڪمينو |
| سرد، گرم | سرد- گرم | سڙد- گرم |
| پاڪ، پليد | پاڪ- پليت | پاڪ- پليت |
| خالي، پرپل | خالي- پرپل | خالي - پرپل |

# جغدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ نوان لفظ

ٻنهي محاورن جو غور سان مطالعو ڪجي ٿو ته اسان کي ڪيئي نوان لفظ ملن ٿا. جيئن ته خطي ۽ مقامي ٻولين جي اثر سبب ٻيئي محاورا وجود ۾ آيا آهن تنهنڪري محاورن تي نه صرف انهن ٻولين جو اثر آهي، بلڪ ڪيئي نوان لفظ به سنڌيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن. هيٺ اهڙا لفظ وضاحت ۽ معنيٰ سان پيش ڪجن ٿا.

| نوان لفظ | | معياري محاوري ۾ معنيٰ |
|---|---|---|
| جغدالي | فراڪي | |
| آسرات | آسرات | آرام |
| اڙيڪاپ | اڙيڪاپ | اڙٻنگ جوان |
| اروڙو | آلوڙو | تازو ويم وارو ڪير |
| اجهاب | اجهاب | ننڊ- آرام |
| اَت | اَت | التي جا اوڪارا |
| اَڪر | اَڪر | لسي |
| اولاڪ | اولاخ | سواريءَ لاءِ جانور |
| ارڳو | ارڳو | ٽوٽي |
| ايجهو | ايجهو | اهڙو |
| اڪا | اڪا | سپيٽي |
| اپڙو | اپڙو | اونٽو |
| ابيڙ | ابريڙ | التي |
| اونتار | اونتار | امڪاني خوف- خطرو |

نوان لفظ

| جڏالي | فراڪي | معياري محاوري ۾ معنيٰ |
|---|---|---|
| ٻريڪ | ٻريڪ | ٻاڙ لٻاڙ |
| ڏيڏا | ڏيڏا | اڪين جا تارا |
| ترنگ | ترنگ | سمجھ عقل |
| ڏچري | ڏچري | ٿلهي سوٽي |
| ذمب | ذمب | وڏا گرھ (ماني جا) |
| ذِڪ | ذِڪ | گھ لاءِ ڪلي (چمڙي جي) |
| زٺو | رٺو | ٻوڙ جي رس |
| روئي | روئي | منھ- چھرو |
| رٺونش | رٺونش | راند- تماشو |
| رُم | رُم | تمام ڪارو |
| رونبڙ | رونبڙ | ڏاڙھڻ |
| رنڊ | رنڊ | وڏي جونءِ |
| رائو | رائو | جهڙ لڙاٽ |
| ريش | ريش | ڦونءِ- زخم |
| راڦو | راڦو | چيٿڙ وارو ڪچرو |
| زڦ | زڦ | گھٽو ٻريل |
| زُپ | زُپ | تمام ڪارو |
| زوم (سان) | زوم(سان) | تيزي (سان) |
| زَمرڪ | زَمرڪ | سخت نقصان |
| سڪٽ | سڪٽ | سڪل ٺوٺ |
| سِرِيٽ | سِرِيٽ | جنبي وجڻ |
| سينيو | سينيو | سگھڙ |
| سَل | سَل | تنگ |
| سُوپ | سُوپ | چوٽيارو ٻريل |
| سَتوھ | سَتوھ | تمام ضروري- لازمي |
| سماھ | سماھ | وجد طاري ٿيڻ |
| سيھو | سيھو | سھوليت- موقعو |
| سِوون | سِوون | آلو- گھميل |
| ساراوان | ساراوان | بلوچستان جو مٿيون علائقو |
| سَيل | سَيل | تماشو |
| سوغند | سوغند | قسم- ساک |
| سوھي | سوھي | دوکو- منافقت |

نوان لفظ

| جفدالي | فراڪي | معياري محاوري ۾ معنيٰ |
|---|---|---|
| وينڻ | وينڻ | هارڻ |
| ونجهڻ | ونجهڻ | وڃهڻ |
| ويچڻ | ويچڻ | وڪڻڻ |
| ويڙهه | ويڙهه | ڪَندورو |
| وَهه | وَهه | ڳهڻي جو سڪل گوشت |
| وَت | وَت | وري- پيهر |
| وختي | وختي (وقتي) | قديم- پراڻو |
| ونوهڙ | ونوهڙ | ڏمڪ، پٽر ڪٽڻ جو اوزار |
| هُر | هُر | اڳهاڙو |
| هيتي | هيتي | پاڪوڙو (اٽ جو) |
| هيزَڪ | هيزَڪ | ڏڏ ولوڙڻ واري ڪلي |
| همڀي ٿميي | همڀي ٿميي | ٿڏي تي |
| هامدي | هامدي | هاسڪاري- مزاحن |
| هيبڙ | هيبڙ | پاڻيءَ ۾ ٻغليون هڻڻ |
| هَبي تبي | هَبي تبي | جَهل پَل |
| هيند | هيند | هيل، هن سال |
| يَل | يَل | آزاد |
| يا | يان | آئي (عجب ۾ پوڻ جو اظهار) |

| معياري | جغدالي | فراکي |
| --- | --- | --- |
| حرف حساب | حرف حساب | حرف حساب |
| حساب کتاب | حساب کتاب | حساب کتاب |
| حقي ناحقي | حقي ناحقي | حقي ناحقي |
| (خ) | | |
| خبرچار | خبرچار | خبرچار |
| خريد فروخت | خريد فروخت | خريد فروغت |
| خيرصلح | خيرشير | خيرشير |
| (د) | | |
| داټوکټو | داټوکټو | داټوکټو |
| ډر ډري | ډر ډري | ډر ډري |
| دړکو دهمان | دړکو داپ | دړکو داپ |
| دشمن دړو | دشمن دړو | ډزمن دړو |
| دلوکپو | دلوکپو | دلوکپو |
| دم دلاسو | دم دلاسو | دم دلاسو |
| دلاسو دړو | دلاسو دړو | دلاسو دړو |
| دوادرمل | دارو درمل | دارون درمل |
| دنگ دړي | دنگ دړي | دنگ دړي |
| دهل دماما | دهل دماما | دهل دمامان |
| (ډ) | | |
| ډکړډمچر | ډکړډمچر | ډکړډمچر |
| ډنډوډاړي | ډنډوډاړي | ډنډو داړي |
| ډوړچائي | ډوړچائي | ډوړچائي |
| (ذ) | | |
| ذاندذنگر | ذاندذنگر | ذاندذنگر |
| ذنوواڅو | ذنوواڅو | ذنوواڅو |
| ذس پنډ | ذس پنډ | ذس پند |
| ذس پتو | ذس پتو | ذس پتو |
| ذسڅ واڅسڅ | ذسڅ واڅسڅ | ذسڅ واسڅ |
| ذکيو سکيو | ذکيو سکيو | ذکو سکو |
| ذک ذولاوا | ذک ذولاوا | ذک ذولاوا |

| معياري | جهدالي | فراکي |
|---|---|---|
| ڏندي ڏاند | ڏندي ڏاند | ڏندي ڏاند |
| ڏنو ورتو | ڏنو ورتو | ڏنو وتو |
| ڏنب ڏاڙي | ڏنب ڏاڙي | ڏنب ڏاڙي |
| ڏنگو ڏاٿو | ڏنگو ڏاٿو | ڏنگو ڏاٿو |
| ڏوهہ گناهہ | ڏوهہ گناهہ | ڏوء گناء |
| ڏينهن شينهن | ڏينهن شينهن | ڏينڻ شينڻ |
| (ڊ ) | | |
| ڊوبوڊاگر | ڊوبو ڊانگر | ڊوبو ڊانگر |
| (ڍ ) | | |
| ڍڳو ڍور | ڍور ڍڳو | ڍور ڍڳو |
| ڍڳي ڍانڍي | ڍڳي ڍانڍي | ڍڳي ڍانڍي |
| (ذ ) | | |
| ذرو پرزو | ذرو پرزو | ذرو پرزو |
| (ر ) | | |
| راتورات | راتون رات | راتون رات |
| راڄا پرڄا | راڄا پاڄا | راڄا پاڄا |
| راڳ روپ | راڳ روپ | راڳ روپ |
| راند روند | راند روند | راند روند |
| رت ست | رت ست | رت ست |
| رس رساء | رس رسائي | رس رسائي |
| رس رهاڻ | رس رهاڻ | رس رهاڻ |
| رسم رواج | رسم رواز | رشم رواز |
| رلڻ پنڻ | رلڻ پنڻ | رلڻ پنڻ |
| رلي گودڙي | رلي گودڙي | رلي گودڙي |
| رلڻو ملڻو | رلڻو ملڻو | رلڻو ملڻو |
| روڪ ٽوڪ | روڪ ٽوڪ | روڪ ٽوڪ |
| رن روڳڙي | رن روڳڙي | رن روڳڙي |
| (ز ) | | |
| زال زمب | زال زمب | زال زمب |

| معياري | جفدالي | فراکي |
|---|---|---|
| عيد برات | عيد برات | عيد برات |
| عيب ثواب | عيب ثواب | عئيب ثواب |
| (غ) | | |
| غريب غربو | غريب غربو | گريب گربو |
| غلط سلط | غلط سلط | گلت سلت |
| (ف) | | |
| فقرفاقو | ڦقرڦاقو | ڦقرڦاڪو |
| فقيرفقرو | ڦقيرڦقرا | ڦقيرڦقرا |
| فهم فراست | ڦهم ڦراست | ڦهم ڦراست |
| (ڦ) | | |
| ڦر نڪر | ڦرڦڪر | ڦرڦڪر |
| ڦٽي ڦوهارو | ڦٽي ڦهارو | ڦٽي ڦٿارو |
| ڦيٿوچنبو | ڦيٿوچنبو | ڦيٿوچنبو |
| (ق) | | |
| قرب قرينو | قرب قرينو | قرب قرينو |
| قسمين ڪوڙو | قسمئون ڪوڙو | قسمئون ڪوڙو |
| قلعو ڪوٽ | ڪوٽ قلعو | ڪوٽ قلعو |
| (ڪ) | | |
| ڪامورو ڪڙو | ڪامورو ڪڙو | ڪامورو ڪڙو |
| ڪاٺي ڪلو | ڪاٺي ڪلي | ڪاٺي ڪلي |
| ڪاٺي لڪڙي | ڪاٺي ڪنجي | ڪاٺي ڪنجي |
| ڪپڙو لٽو | ڪپڙو لٽو | ڪپڙو لٽو |
| ڪتو ٻلو | ڪتوٻلو | ڪتو ٻلو |
| ڪتڙ ڪنبڙ | ڪتڙ ڪنبڙ | ڪتڙ ڪنبڙ |
| ڪسو ڪانبو | ڪسو ڪانبو | ڪسو ڪانڊي |
| ڪس ڪسر | ڪس ڪسر | ڪس ڪسر |
| ڪم ڪار | ڪم ڪار | ڪم ڪار |
| (ک) | | |
| کاٽي کرڙي | کاٽي کرڙي | کاٽي کرڙي |

| معياري | جغدالي | فراڪي |
| --- | --- | --- |
| ڪاتو پيتو | ڪاتو پيتو | ڪاتو پيتو |
| ڪارو ڪنڊ | ڪارو ڪنڊ | ڪارو ڪنڊ |
| ڪٽو مٺو | ڪٽو مٺو | ڪٽو مٺو |
| ڪٽولو ڪرسو | ڪٽولو ڪرسو | ڪٽولو ڪرسو |
| ڪٽو ڪرو | ڪٽو ڪرو | ڪٽو ڪرو |
| ڪل پوڳ | ڪل پوڳ | ڪل بوڳ |
| ڪل ڪلاٺي | ڪل ڪلاٺي | ڪل ڪلاٺي |
| (گ) | | |
| گابو وڇو | گابو وڇو | گابو وڇو |
| گار گند | گار گند | گار گند |
| گاهه پٽو | گاهه پٽو | گاءِ پٽو |
| گپ چڪ | گپ چڪ | گپ چڪ |
| گرو گنجو | گرو گنجو | گرو گنجو |
| گل قل | گل قل | گل قل |
| (ڳ) | | |
| ڳالهه ڳت | ڳالهه ڳت | ڳال ڳت |
| ڳاهه پراهه | ڳاهه پراهه | ڳاء پراء |
| ڳن ڪهاڙي | ڳن ڪهاڙي | ڳن ڪهاڙي |
| ڳنيڻ پنٽڻ | ڳنيڻ پنٽڻ | ڳندڻ پندڻ |
| ڳڻ ڳوت | ڳڻ ڳوت | ڳڻ ڳوت |
| ڳهه ڳٺو | ڳهه ڳٺو | ڳهٺ ڳٺو |
| ڳجهه ڳوهه | ڳجهه ڳوهه | ڳج ڳوهه |
| (گهه) | | |
| گهٽ وڌ | گهٽ وڌ | گهٽ ود |
| گهر گهاٽ | گهر گهاٽ | گهر گاٽ |
| گهرڙ گهوٽ | گهرڙ گهوٽ | گهرڙ گوٽ |
| گهل گهوڙا | گهل گهوڙا | گهل گوڙا |
| گهوڙا ٻهوڙا | گهوڙا ٻوڙا | گهوڙا ٻوڙا |
| (ل) | | |
| لاٿون لنجهو | لاٿون لنجهو | لاٿون لنجو |

| فراڪي | جڳدالي | معياري | اڳياڙيون |
| --- | --- | --- | --- |
| انچاڻ | انچاڻ | اڻ چاڻ | اڻ+چاڻ |
| اوگڻ | اوگڻ | اوگڻ | او+گڻ |
| پرديس | پرديس | پرديس | پر+ديس |
| الوٽو | الوٽو | ري لوڻ | ري+لوڻ |
| لاچار | لاچار | لاچار | لا+چار |
| نان پسند | نان پسند | ناپسند | نا+پسند |
| ڪم عقل | ڪم عقل | ڪم عقل | ڪم+عقل |
| بيدڙد | بيدرد | بي درد | بي+درد |

مٿين لفظن مان پهرين لفظ جي اڳياڙي "اڻ" جڳدالي ۽ فراڪي ٻنهي ۾ "ان" جي صورت ۾ استعمال ٿيل آهي. اڳياڙي نمبر چوٿين "ري" جڳدالي ۽ فراڪي ۾ "اَ" جي اچار سان استعمال ڪري "الوٽو" لفظ جوڙيو ويو آهي. باقي سڀ اڳياڙيون تقريباً هڪ ئي قسم سان جوڙي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن البت ڇهين اڳياڙي "نا" پويان "ن" غني جو اچار شامل ڪيل آهي.

## اڳياڙين جو فيرو

معياري محاوري ۾ امر واحد پنيان "ج" ۽ "جان" ۽ امر جمع پنيان "جو" پڇاڙي لڳائي خواهش جو اظهار ڪبو آهي. مثلاً "چئو" بدران "چئج" يا "چئجان." واحد لاءِ ۽ "چئجو" جمع لاءِ ٿئي ٿو. اهي صيغا ان قسم جي ٻين لفظن لاءِ بہ استعمال ڪيا وڃن ٿا. پر جڳدالي ۽ فراڪي محاورن جي اهڙي قسم جي لفظن جي پڇاڙين ڳنيڻ سان اڳياڙين ۾ ڪجهہ فرق پئجي وڃي ٿو. مثلاً

| فراڪي | جڳدالي | معياري |
| --- | --- | --- |
| چِينجان | چِينجان | چئو= چئج يا چئجان۽ |
| اِينجان | اِينجان | اچ = اچج يا اَچجان۽ |
| وِينجان | وِينجان | وڃ = وڃج يا وڃجان۽ |
| ڏِينجان | ڏِينجان | ڏي = ڏج يا ڏجان۽ |

مٿين لفظن مان جڳدالي توڙي فراڪي ٻنهي محاورن ۾ "۽" پڇاڙي ختم ڪري "اِين" جي اڳياڙي جوڙي استعمال ڪيا ويا آهن. مٿين لفظن مان ٻئي لفظ جي "چ" ٽئين لفظ جي "ڄ" ۽ چوٿين جي "ج" حذف ڪيل آهي.
پيرومل آڏواڻي ان سلسلي ۾ لکي ٿو تہ "پئج" مان "پئيج" بہ اچاريو وڃي ٿو. يعني "اچ" بدران "ايچ" جو اچار وڌائي "ايچا" ڪبو آهي اهو نياز جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. هاڻ جڏهن اسان انهن کي فراڪي ۽ جڳدالي محاورن سان ڀيٽي ڏسون ٿا تہ

فرق صرف "ن" جو رهي ٿو. جيڪو اڳيان توڙي پٺيان شامل ڪري "اينجان" ڪيو وڃي ٿو.

### "ڳ" جو "گ" ۾ تبديل ٿيڻ

سنڌي ٻولي جي ڪن محاورن ۾ اڳياڙي وينجن "ڳ" بدلجي "گ" جي اچار ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هي طريقو فراڪي محاوري کان علاوه ميمڻي يا ڪاٺياواڙي (١) محاوري ۾ به مروج آهي. مثلاً

| معياري | جڏالي | فراڪي | ڪاٺياواڙي |
|---|---|---|---|
| ڳوٺ | ڳوٺ | گوٺ | گوٺ |
| ڳئون | ڳئون | گئون | گئون |
| ڳيرو | ڳيرو | گيرو، گوگو | گيرو |
| ڳوٺي | ڳوٺي | گوٺي | گوٺي |
| ڳوڙهو | ڳوڙهو | گوڙو | گوڙو |

### فارسي اڳياڙيون

سنڌي ٻولي جي علم صرف جي اصولن موجب هزارن جي تعداد ۾ نوان لفظ مفرد يا مرتب ڌاتن جي اڳيان يا پويان ملائي ٺاهيا ويندا آهن. ان سلسلي ۾ ڪيترائي اهڙا مرتب ۽ مرڪب ملن ٿا جن جو بنياد يا ته عربي لفظ آهي جنهن جي اڳيان يا پويان، اڳياڙيون يا پڇاڙيون ملائي، نوان لفظ جوڙي سنڌي علم صرف جي باب ۾ نوان موضوع شامل ڪيا ويا آهن (٢). هيٺ جيڪي به مثال ڏجن ٿا انهن مان اڳياڙيون فارسي زبان جون آهن ۽ ڌاتو عربي زبان جا آهن. جيئن

| اڳياڙي | + | ڌاتو | = | نئون لفظ |
|---|---|---|---|---|
| در | + | اصل | = | دراصل |
| بي | + | وقوف، وقت | = | بيوقوف، بي وقت |
| با | + | وفا، عزت | = | باوفا، باعزت |
| نا | + | لائق | = | نالائق |
| بد | + | بخت،نصيب، صورت | = | بدبخت،بد نصيب،بدصورت |
| بر | + | وقت،طرف | = | بروقت،برطرف |
| ڪم | + | بخت، فهم | = | ڪم بخت، ڪم فهم |

---

(١). ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: "ميمڻي / ڪاٺياواڙي محاوري جو لساني جائزو" مقالا بين القوامي سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو. ١٩٨٨، ص ١٢

(٢). الانا غلام علي ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي جو اڀياس. " ص ٣٣٧

اهڙي قسم جون بيون پچاڙيون بہ ساڳيءَ طرح استعمال ڪيون وڃن ٿيون پر ڪي اهڙيون پچاڙيون بہ آهن جيڪي ملائڻ سان فرق پئجي وڃي ٿو، مثلاً

| پچاڙي | لفظ | معياري | جغدالي | حذف | فراکي | حذف |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اُ | پڙهُ | پڙهُ | پڙهہ | /ʌ/ | پڙ | هہ./ʌ/ |
| اُ | لِکُ | لِکُ | لِک | /ʌ/ | لِک | /ʌ/ |
| ءُ | لکندين | لکندينءُ | لکندين | /ن/./ءُ/ | لکني | /ε/-/>/ |
| اِ | چِتِ | چِتِ | چِت | /اِ/ | چِت | /اِ/ |
| اَ | ڪَتَ | ڪَتَ | ڪَت | /ʌ/ | ڪَت | /ʌ/ |
| ءُ | ڪاءُ | ڪاءُ | ڪاء | /ʌ/ | ڪا | /ءُ/ |
| ءِ | ڏيڪاءِ | ڏيڪاءِ | ڏيڪاء | /اِ/ | ڏيڪا | /ءِ/ |

## اسم مذڪر پچاڙيون

"اُ"

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| بازارُ | بازار | /ʌ/ | بزار | /ʌ/ |
| ثوابُ | ثواب | /ʌ/ | ثواب | /ʌ/ |
| ڪتابُ | ڪتاب | /ʌ/ | ڪتاب | /ʌ/ |
| پُٽُ | پٽر | /ʌ/ | پٽر | /ʌ/ |
| حسابُ | حساب | /ʌ/ | حساب | /ʌ/ |
| گلاسُ | گلاس | /ʌ/ | گلاس | /ʌ/ |
| سڄُ | سڄ | /ʌ/ | سڄ | /ʌ/ |

## ضميري پچاڙيون

ٻنهي محاورن جي ڪن ضميري پچاڙين جو جائزو وٺبو تہ انهن جي استعمال ۾ ٿورو فرق محسوس ٿيندو، مثلاً

## ظرف پچاڙيون

منجهائون، اڳاهون، مٿاهون، اتاهون، ايسين، جيسين، اوسين، هوسين، هيسين، تيسين، ڪيسين وغيره ظرف آهن. انهن جي استعمال جو جائزو وٺبو ته وڏو فرق نظر ايندو. مثلاً "منجهائون" بدران ٻنهي محاورن ۾ "منجهئون"، مٿاهون، بدران "مٿئون" "اڳاهون" بدران "اڳون"، "اتاهون" بدران "اتئون"، "جيسين" بدران "جيستوڻي" يا "جيستوڻين"، "اوسين" بدران "ايستوڻي" يا "ايستوڻين"، "اوسين" بدران "اوستوڻي"، يا "اوستوڻين"، "هوسين" بدران "هوستوڻي" يا "هوستوڻين"، "هيسين" بدران "هيستوڻي" يا "هيستوڻين"، "تيسين" بدران "تيستوڻي" يا "تيستوڻين"، "ڪيسين" بدران "ڪيستوڻي" يا "ڪيستوڻين" وغيره. معياري ۾ جيستائين، ڪيستائين، هيستائين وغيره ڪم اچن ٿا، پر ٻنهي محاورن ۾ انهن جو "الف" حذف ڪيو ٿو وڃي، پر جيستوڻي، هيستوڻي يا ڪيستوڻي (١) نموني جون پچاڙيون اڪثر شامل ڪيون ٿيو وڃن. ان ڪان علاوه "هيڏانهون"، "ڪيڏانهون"، "تيڏاهون"، "جيڏاهون"، "اوڏاهون"، "هوڏاهون" جا لفظ ٻه ڪجهه بدليل پچاڙين سان ڪم آندا وڃن ٿا مثلاً "هيڏانهون" بدران "هيڏئون" جهدالي "هيڏون" فراڪي. "ڪيڏانهون" بدران "ڪاڏئون" جهدالي ۽ "ڪيڏون" فراڪي. "تيڏاهون" بدران "تاڏئون" جهدالي ۽ "تيڏون" فراڪي. "جيڏاهون" بدران "جاڏئون" جهدالي ۽ "جيڏون" فراڪي. "اوڏاهون" بدران "اوڏئون" جهدالي ۽ "اوڏون" فراڪي ۽ "هوڏاهون" بدران "هوڏئون" جهدالي ۽ "هوڏون" فراڪي ۾ استعمال ٿين ٿا. مطلب ته جهدالي ۾ معياري جي "انهون" پچاڙي بدلجي "ئون" ٿئي ٿي. جڏهن ته فراڪي ۾ بدلجي "اون" ٿئي ٿي. ان ڪان علاوه انهن لفظن جا پهريان "ي" جا اچار جهدالي ۾ "الف" ۾ بدلجن ٿا. جڏهن ته فراڪي ۾ انهن ۾ ڪوبه فرق ڪو نه ٿو پوي.

## صفت پچاڙيون

ٻنهي محاورن جي صفت لفظن جي پچاڙين جو جائزو وٺون ٿا ته انهن ۾ ٻه ڪجهه فرق محسوس ٿئي ٿو. مٿي ذڪرڻي چڪو آهي ته ٻنهي محاورن جي علائقن ۾ ٻر وارين ٻولين جي اثر هيٺ سنڌي جون ا - اِ - اُ واريون پچاڙيون حذف ٿي وڃن ٿيون. هيٺ صفت جي لفظن جي پچاڙين جي ڦيري جا ڪي مثال پيش ڪجن ٿا.

---

١. بروهي داد محمد خادم؛ " سبي جي سنڌي ۽ سندس اهميت" ٽه ماهي مهراڻ س - ا- ب حيدرآباد ٣/١٩٨١ ص. ١٩٧١.

اهڙي طرح اسان متين لفظن جو جائزو وٺون ٿا ته اسان کي معياري محاوري کان تمام گهڻو فرق محسوس ٿئي ٿو . جڳدالي ۾ "مارياڻينس " مان صرف "الف" حذف ڪري "ماريئينس " استعمال ڪجي ٿو . پر جڏهن فراکي محاوري ۾ انهن پچاڙين جو جائزو وٺون ٿا ته اسان کي تمام وڏو فرق نظر اچي ٿو . مثلاً .

| حذف | فراکي | معياري |
|---|---|---|
| ي - ا - ء - ن | مارينَس | مارياڻينس |

متئين لفظ تي غور ڪبو ته ان جي ٩ حرفن مان ۴ حرف حذف ڪري هڪ مختصر لفظ جوڙيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ هي خوبي معياري محاوري کان به وڌيڪ اهميت رکي ٿي جو ته ٩ حرفن جي هڪ مڪمل جملي واري لفظ ۾ صرف ۵ حرف استعمال ڪري پوري جملي جو مطلب حاصل ڪيو وڃي ٿو. مطلب ته ٻن لفظن جي هڪ مرڪب لفظ کي سمائي هڪ جملو بڻايو ويو آهي. اهڙي نموني جي سڀني قسمن جي لفظن ۾ ان طرح مختصر ڪري انهن کي استعمال ڪيو ويندو آهي .

ٻٽيون جمع پچاڙيون

جمع ۾ ٻٽين پچاڙين جو جائزو وٺبو ته ساڳيو واحد ٻٽين پچاڙين وانگر فرق محسوس ٿيندو. مثلاً

| فراکي | جڳدالي | معياري |
|---|---|---|
| مارينَس | ماريئونس | مارياڻونس |
| پڙهاينَس | پڙهايئونس | پڙهاياڻونس |
| لڪاينَس | لڪايئونس | لڪاياڻونس |
| چاڙينَس | چاڙهيئونس | چاڙهياڻونس |

جڳدالي محاوري ۾ صرف الف حذف ڪيووڃي ٿو. جڏهن ته فراکي محاوري ۾ "مارياڻونس " بدران "مارينس " يعني الف . ء - و حذف ڪيا وڃن ٿا . اهڙي طرح "لڪاياڻونس " مان به ساڳيا حرف حذف ڪيا وڃن ٿا پر "پڙهاياڻونس" ۽ "چاڙهياڻونس " جهڙن لفظن مان الف . ء .و سان گڏ "هه" به حذف ڪيو وڃي ٿو . ان کان علاوه "مارياڻون " بدران جڳدالي " ماريئون " فراکي ۾ "مارين" "چاڙهياڻون" بدران جڳدالي ۾ "چاڙهيئون" ۽ فراکي ۾ "چاڙين." "پڙهاياڻون "بدران جڳدالي ۾" پڙهائيون "۽ فراکي ۾" پڙاين " ۽ "لاٿاڻون " بدران جڳدالي ۾"لاٿئون " ۽ فراکي ۾ "لاٿن" استعمال ڪجن ٿا. هنن لفظن ۾ به جڳدالي ۾ صرف "الف" ۽ فراکي ۾ ساڳيو الف ء ۽ و جا اچار حذف ڪري استعمال ڪيا وڃن ٿا. باقي ٻين لفظن مان حرف "هه" فراکي ۾ بدستور حذف ٿيل نظر اچي ٿو جو ته فراکي محاوري ۾ وچيان "هه" اڪثر حذف ٿي وڃن ٿا. پر جيڪڏهن حذف ڪونه ٿا ٿين ته پوءِ انهن بدران "ء" جو اچار استعمال ڪيو وڃي ٿو .

**فعل جون پچاڙيون**

ضميري پچاڙيون جيڪي فعلن سان گڏ ڪم اچن ٿيون، سي هتي جدا جدا دفعن ۾ ترتيبوار بيهاري ڏيکارجن ٿيون تہ جيئن انهن جي ڪم اچڻ جي ريت چڱي طرح معلوم ٿي سگهي.

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | س | سين . سون |
| حاضر | اين | وَ |
| غائب | | |

هي پچاڙيون زمان ماضي مطلق ۽ زمان مستقبل جوڙڻ لاءِ ڪم اچن ٿيون، جيڪي صرف فعلن ۾ ڏبيون آهن مثلاً:.

ماريس = آءُ ماريس ماريندس = آءُ ماريندس(١)

هاڻ ٻنهي محاورن ۾ انهن جو استعمال ائين ٿيندو

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| جڏالي | ماريس | اءُ مارِيَس | بدران | مارِيَم |
| فراڪي | ماريس | اءُ مارِيَس | بدران | مارِيَم |
| جڏالي | ماريندس | اءُ ماريندَس | بدران | مارِيندَم |
| فراڪي | ماريدس | اءُ ماريندَس | بدران | ماريندم |
| جڏالي | پاڙهيندس | اءُ پاڙهيندس | بدران | پاڙهيندَم |
| فراڪي | پاڙهيندس | اءُ پاڙهيندس | بدران | پاڙيندَم |

# اچارن ۾ تبديليون

**حرف علت جي تبديلي :**

معياري محاوري ۾ حرف علت جي تبديلي واري اصول موجب ڪن لفظن ۾ حرف علت ۾ ننڍين ۽ وڏن امرن ڪي وڌائي سگهبو آهي ۽ ان مان ساڳي معنيٰ جا ٻيا لفظ بہ ناهي سگهبا آهن مثلاً

ٻڪر = ٻاڪرو ، سهرو = ساهرو ، جبل = جابلو ، ٻرڻ = ٻارڻ ، ترڻ = تارڻ ، ڦرڻ = ڦيرڻ،مڙڻ = موڙڻ ،وغيره. اهڙِي طرح جڏالي ۽ فراڪي محاورن ۾ بہ ڪي اهڙا لفظ آهن جن ۾ حرف علت جي وڌائڻ سان انهن مان ساڳي قسم جي معنيٰ جا ٻيا لفظ جوڙي سگهجن ٿا . ان تبديلي سان لفظن جي حرفن ۾ فرق پئجي وڃي ٿو. جو تہ ٻنهي محاورن تي علائقي جي ٻين ٻولين جو اثر موجود آهي. مثلاً.

| معياري | جفدالي | فراڪي |
|---|---|---|
| جنهن جو | جينهنجو، جينئجو | جينجو |
| اُن جو | اُن جو | اُڻ جو |
| هنَ جو | هن جو | هِڻ جو |

مٿين لفظن جي استعمال تي نظر وجهبي ته اهي معياري محاوري کان وڏي فرق سان استعمال ٿيندي نظر ايندا. ايتري قدر جو معياري لفظن جي اصلي صورت ئي بدلجي وڃي ٿي. اچارن جي هن تبديلي کي پيرومل آڏواڻي نڪ جو اچار گڏڻ يا ڪيڻ جون عادتون لکيو آهي.

١. "پنهنجو" جفدالي ۾ "پانجو" آهي، جنهن مان "هـ"، "ن" حذف ٿيل آهي ۽ "الف" جو ان ۾ اضافو ڪيل آهي.

٢. "منهنجو" جفدالي ۾ "منجو" يا "مانجو" ۽ فراڪي ۾ "مينجو" ڪم آيل آهي. جفدالي ۾ هن لفظ جو "هـ" ۽ "ن" حذف ٿيل آهي ۽ "الف" جو اضافو ڪيو وڃي ٿو ۽ "م" مٿان "ا" جو اچار بدلجي "اِ" ٿئي ٿو جڏهن ته فراڪي ۾ "هـ" ۽ "ن" حذف ڪرڻ سان گڏ "اِ" جي اچار سان "ي" جو اضافو به ڪيو وڃي ٿو.

٣. "ڪنهنجو" لفظ جفدالي ۾ "ي" جي اضافي سان ڪم اچي ٿو پر ڪٿي ڪٿي ان جي "هـ" حذف ڪري "ه" استعمال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته فراڪي ۾ "هـ" ۽ "ن" حذف ڪري "ي" جو اضافو ڪري استعمال ڪجي ٿو. "جنهنجو" به ان طرح سان استعمال ٿئي ٿو.

٤. "ان جو" هي لفظ جفدالي ۾ "ن" واري "ا" پڇاڙي حذف ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته فراڪي محاوري ۾ "ن" بدران "ڻ" جو اچار ساڪن ڪري استعمال ڪجي ٿو ان طرح، "هن جو" لفظ به ساڳي اصول موجب استعمال ٿئي ٿو.

## ضميري لفظن جي اچار ۾ تبديلي

ٻنهي محاورن ۾ معياري محاوري جا ضميري لفظ به حذف ٿيل پڇاڙين سان استعمال ڪجن ٿا. مثلاً:

| معياري | جفدالي | فراڪي |
|---|---|---|
| آءٌ | مان | مان |
| هوءَ | هو | هو، او |
| هُنَ | هُن | هُڻ |
| اُنَ | ان | اڻ |
| اسين | اسان | اسان |
| توهين | توهان،تهان | توئان، تئان |

وجهنداسين تہ اسان کي انهن ۾ ڪو به فرق نظر ڪو نہ ٿو اچي. ٻنهي محاورن ۾ مٿين قسم جي ڪاب؛ تبديل ڪو نہ ٿي ٿئي. البت جملن جي فعلن ۾ تبديلي ضرور ٿئي ٿي. مثلاً:

| | |
|---|---|
| معياري | هاٿي وڃن ٿا. |
| جهڏالي | هاٿي وڃن ٿا ، ويندا پيا هن. |
| فراڪي | هاٿي وينا پئائن |

مٿين جملن ۾ "وڃن ٿا" بدران جهڏالي ۾ "وڃن ٿا" ۽ ويندا پيا هن" ٻئي قسم استعمال ٿين ٿا جڏهن تہ فراڪيءَ ۾ "وينا پئائن" استعمال ٿين ٿا. انهن ۾ ويندا جي "د" حذف ڪيل آهي. جڏهن تہ "ٿو" بدران پئائن ڪم آندل آهن. يعني "پيا آهن." بدران "پئائن" ڪم آندل آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ لفظ "ٿا" "ٿو" يا "ٿيون" ۽ ٿيا. استعمال ڪو نہ ٿا ٿين ان بابت اڳتي هلي جدا تفصيل سان بحث ڪبو.

## ڪاٽو تبديل

ڊاڪٽر غلام علي الانا علم صرف جي اصولن ۾ ٻين صوتي تبديلين سان گڏ ڪنهن لفظ ۾ اڳياڙين ۽ پڇاڙين ملائڻ کان اڳ ڪنهن صوتي کي حذف ڪرڻ يا ڪاٽڻ کي ڪاٽو تبديل لکيو آهي. جنهن ۾ حذف ڪرڻ ڪاٽڻ يا هٽائڻ وارو اصول شامل آهي. مثال طور:

| ڌاتو | ماضي جي پڇاڙي | ڪاٽو صوتيو | ڪردنت |
|---|---|---|---|
| ڪر - | - يو | ا-ر-ا | ڪيو |
| مر - | - او | ا-ر-ا | مئو |
| سڻ - | - او | ا-ڻ-ا | سئو |
| وڪڻ | - يو | ا-ڻ-ا | وڪيو |

هاڻ جڏهن ٻنهي محاورن جي مٿين قسم جي لفظن ۾ ڪاٽو تبديلي جو جائزو وٺنداسين تہ اسان کي ٿورو فرق محسوس ٿئي ٿو. مثلاً:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| معياري - | ڪر- | - يو | ا-ر-ا | ڪيو |
| جهڏالي - | ڪر- | - يو | ا-ي-ا | ڪرو |
| فراڪي - | ڪر- | - يو | ا-ي-ا | ڪرو |
| معياري - | ڀَر- | - يو | -- | ڀريو |
| جهڏالي - | ڀر- | - يو | ا-ي-ا | ڀَرو |
| فراڪي - | ڀر- | - يو | ا-ي-ا | ڀَرو |
| معياري - | تر- | - يو | ا--ا | تريو |
| جهڏالي- | تر- | - يو | ا-ي-ا | ترو |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| فراڪي - | ٽر- | - يو | ا-ي-ا | ٽرو |
| معياري - | وڪڻ- | - يو | ا-ڻ-ا | وڪيو |
| جفدالي - | وڪڻ- | - يو | ا-ڻ-ا | وڪٽيو |
| فراڪي - | وڪڻ- | - يو | ا--ا | وڪٽيو |

مٿين لفظن مان "ڪريو" لفظ جو جفدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ بجاءِ "ر" ڪاڻ جي "ي" جو اچار ڪاٽيو وڃي ٿو . اهڙي طرح "ٽريو" ۽ "ڀريو" ۾ به ساڳيو اصول شامل آهي . اهڙي طرح لفظ "وڪٽيو" مان معياري ۾ "ڻ" ڪاٽيو ٿو وڃي پر جفدالي ۽ فراڪي ۾ ڪو به اچار ڪاٽيو ڪونه ٿو وڃي.

## صورت جي تبديلي

صورت جي تبديليءَ جو هي هڪ اهڙو قسم آهي ، جنهن ۾ ڪنهن صورت جو نه ڪو جزو بدلجي ٿو ۽ منجي پيو ٿئي ٿو ۽ نه وري ڪو جزو گم ٿئي ٿو . پر هن حالت ۾ صورت سڄي جي سڄي بدلائجي ٿي . جڏهن ڪا صورت جي جاءِ تي سڄي جي سڄي ڪا ٻي صورت ماضي طور ڪم اچي ٿي ته اهڙي تبديلي کي "بدلجڻ" يا "بدلائڻ" چئبو آهي ، مثال طور :

آهي= هو.

"آهي" ۽ "هو" ٻه اهڙيون صورتون آهن. جن جا ڏاتو به ڌارڌار آهن. "آهي" جو ماضي ٺاهڻ لاءِ ان سڄيءَ صورت جي بدران "هو" صورت ڪم آندي ويئي آهي. هاڻ جڏهن جفدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ لفظ "آهي" جي تبديليءَ کي ڏسندا سين ته معياري کان اهو طريقو الڳ ملندو مثلاً:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| معياري | واحد | "آهي" | تبديلي | "هو" |
| جفدالي | واحد | "آهي" | تبديلي | "هئو" |
| فراڪي | واحد | "آهي" | تبديلي | "آهو" |
| معياري | جمع | "آهن" | تبديلي | "هئا" |
| جفدالي | جمع | "آهن" | تبديلي | "هيا" |
| فراڪي | جمع | "آهن" | تبديلي | "آها" |

مٿين لفظن جي تبديلي تي غور ڪبو ته اسان کي انهن جي اچارن ۾ گهڻو فرق نظر ايندو ، جيڪو ٻنهي محاورن ۾ مختلف نمونن سان ٿئي ٿو ۽ جنهن سان لفظن جي اصلي صورت بدلجي وڃي ٿي. جفدالي ۾ "ءِ" جو اضافو ٿئي ٿو جڏهن ته فراڪي ۾ "ا" اڳيان استعمال ڪري لفظ اچار يا وڃن ٿا.

# تڪرار

علم صرف ۾ تڪرار واري عمل کي وڏي اهميت ڏني ويئي آهي جو ته سنڌ جي سيني وياڪرڻين تڪرار وارن لفظن کي مرڪب لفظ سڏيو آهي

پڙهه+اندو="پڙهندو"، لک+اندو="لکندو"، پڙهه+اندي="پڙهندي" وغيره . هاڻ جڏهن انهن گردانن کي جهدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ ڏسبو ته انهن ۾ فرق نظر ايندو. مثلاً: جهدالي ۾ "اندو" يا "اندي" بدران "دو" يا "دي" جڏهن ته فراڪي محاوري ۾ "نو" ۽ "ني" پڇاڙيون ملايون ٿيون وڃن . مٿين پڇاڙين تي غور ڪبو ته جهدالي ۾ ان مان "ن" حذف ٿيل آهي، جڏهن ته فراڪي محاوري ۾ "د" حذف ڪيو ويو آهي، مثلاً:

| | |
|---|---|
| معياري | پڙهه + آندو = پڙهندو |
| جهدالي | پڙهه + دو = پڙهدو |
| فراڪي | پڙه + نو = پڙنو |
| معياري | لک + آندو = لکندو |
| جهدالي | لک + دو = لکدو |
| فراڪي | لک + نو = لکنو |
| معياري | هل + آندو = هلندو |
| جهدالي | هل + دو = هلدو |
| فراڪي | هل + نو = هلنو |
| معياري | چڙهه + آندو = چڙهَندو |
| جهدالي | چڙهه + دو = چڙهدو |
| فراڪي | چڙه + نو = چڙنو |
| معياري | سمهه + آندو = سمهندو |
| جهدالي | سمهه + دو = سمهدو |
| فراڪي | سمهه + نو = سمنو |
| معياري | رک + آندو = رکندو |
| جهدالي | رک + دو = رکدو |
| فراڪي | رک + نو = رکنو |

## مؤنث پڇاڙين جا گردان

| | |
|---|---|
| معياري | پڙهه + آندي = پڙهندي |
| جهدالي | پڙهه + دي = پڙهدي |
| فراڪي | پڙه + نِي = پڙني |
| معياري | لک + آندي = لکندي |
| جهدالي | لک + دي = لکدي |
| فراڪي | لک + ني = لکني |
| معياري | هل + آندي = هلندي |
| جهدالي | هل + دي = هلدي |

| | |
|---|---|
| فراڪي | هل + ني = هلني |
| معياري | چڙهہ + آندي = چڙهندي |
| جفدالي | چڙهہ + دي = چڙهدي |
| فراڪي | چڙه + ني = چڙهني |

مٿين لفظن مان فراڪي محاوري ۾ "هہ" جو حرف حذف ڪيو ويو آهي ۽ "پڙهندو"، "پڙهندي"، "چڙهندو"، "چڙهندي"، "سمهندو" ۽ "سمهندي" جهڙن لفظن ۾ "هہ" بدران "نو" يا "ني" پڇاڙيءَ ۾ ملائي "پڙنو" "پڙني" "چڙنو" "چڙني"، "سمنو" ۽ "سمني" اچاريو وڃي ٿو.

### "اِ" گردان وارا لفظ

"اِ" گردان وارن لفظن ۾ جفدالي محاوري ۾ ساڳي معياري وانگر "يندي" پڇاڙيءَ ڪم اچي ٿي. جڏهن تہ فراڪي محاوري ۾ "يني" پڇاڙي ملائجي ٿي، مثلاً:

| | |
|---|---|
| معياري | لڏ + يندي = لڏيندي |
| جفدالي | لڏ + يندي = لڏيندي |
| فراڪي | لڏ + يني = لڏيني |
| معياري | مار + يندي = ماريندي |
| جفدالي | مار + يندي = ماريندي |
| فراڪي | مار + يني = ماريني |
| معياري | چاڙهہ + يندي = چاڙهيندي |
| جفدالي | چاڙهہ + يندي = چاڙهيندي |
| فراڪي | چاڙ+ يني = چاڙيني |
| معياري | لاهہ + يندي = لاهيندي |
| جفدالي | لاهہ + يندي = لاهيندي |
| فراڪي | لاءِ + يني = لائيني |
| معياري | چاهہ + يندي = چاهيندي |
| جفدالي | چاهہ + يندي = چاهيندي |
| فراڪي | چاءِ + يني = چائيني |

مٿين لفظن جي پڇاڙين تي غور ڪبو تہ جفدالي محاوري جي جوڙجڪ ساڳي معياري محاوري جهڙي نظر ايندي. جڏهن تہ فراڪي محاوري ۾ فرق آهي. مثلاً: "ماريندي" کي "ماريني" ڪيو ويو آهي. يعني ساڳيو "د" دستور موجب حذف ڪري اچاريو ويو آهي. البت "چاڙهيندي" ۾ "چاڙيني" ڪيو ويو آهي جنهن مان مٿي ذڪر ڪيل لفظن جي نموني سان ساڳي "هہ" جيڪا فراڪي ۾ ساڪن استعمال ٿئي ٿي "حذف" ڪئي وئي آهي. پر جيڪا "هہ" معياري ۾

| | | |
|---|---|---|
| جهدالي | سمهاءِ + ِيندي = سمهائيندي | |
| فراڪي | سمهاءِ + ِيني = سمائيني | |

## "ء" گردان وارا مؤنث جمع لفظ

هاڻ جڏهن "ء" گردان وارن مؤنث جمع لفظن جو جائزو وٺبو تہ جهدالي محاوري ۾ معياري محاوري ۾ هڪ جهڙائي ملندي جڏهن تہ فراڪي محاوري ۾ بدستور"د" جو حرف حذف ڪيل آهي؛ مثلاً:

| | |
|---|---|
| معياري | پڙهاءِ + ينديون = پڙهائينديون |
| جهدالي | پڙهاءِ + ينديون = پڙهائينديون |
| فراڪي | پڙهاءِ + ينيون = پڙائينيون |
| معياري | لڪاءِ + ينديون = لڪائينديون |
| جهدالي | لڪاءِ + ينديون = لڪائينديون |
| فراڪي | لڪاءِ + ينيون = لڪائينيون |
| معياري | رڪاءِ + ينديون = رڪائينديون |
| جهدالي | رڪاءِ + ينديون =رڪائينديون |
| فراڪي | رڪاءِ + ينيون =رڪائينيون |

مٿين لفظن ۾ فراڪي لفظن مان ساڳيو "د" کان علاوه "هہ" جو اچار بہ حذف ڪيل آهي .

## "ءِ" گردان وارا مذڪر جمع لفظ

| | |
|---|---|
| معياري | پڙهاءِ + ِيندا =پڙهائيندا |
| جهدالي | پڙهاءِ + ِيندا = پڙهائيندا |
| فراڪي | پڙهاءِ + ينا =پڙائِينا |
| معياري | لڪاءِ + يندا = لڪائيندا |
| جهدالي | لڪاءِ + يندا =لڪائيندا |
| فراڪي | لڪاءِ + ينا =لڪائينا |
| معياري | رڪاءِ + يندا =رڪائيندا |
| جهدالي | رڪاءِ + يندا =رڪائيندا |
| فراڪي | رڪاءِ + ينا =رڪائينا |

مٿين لفظن جو جائزو وٺبو تہ معياري محاوري وانگر جهدالي ۾ بہ "يندا" پڇاڙي ملائي استعمال ڪيو وڃي ٿو . پر فراڪي ۾ "ينا" پڇاڙي يعني "د" حذف ٿيل استعمال ڪجي ٿو. ان کان علاوه ساڳيو "هہ" جو اچار بدستور اهڙن لفظن مان حذف ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو.

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| هلندس | هلنديس | هلنداسين | هلنديونسين |
| هلندين | هلندينءَ | هلندا ـ هلندو | هلنديون |
| هلندو | هلندي | هلندا | هلنديون(١) |

جڳدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ انهن جي استعمال جو جائزو وٺبو ته هيٺين طرح ٿيندو:

| محاورو | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| معياري | هلندس | هلنديس | هلنداسين | هلنديونسين |
| جڳدالي | هلدَم | هلدم | هلداسي | هلداسي |
| فراڪي | هلدم | هلدم | هلناسي | هلناسي |

| محاورو | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| معياري | هلندين | هلندينءَ | هلندا ـ هلندَو | هلنديون |
| جڳدالي | هلدين | هلدِين | هلدو | هلديون |
| فراڪي | هلنين | هلنين | هلنو | هلنيون |

پهرين لفظ ۾ جڳدالي ۽ فراڪي ٻنهي ۾ "س" بدران "م" جو اچار شامل ڪري واحد مذڪر استعمال ٿيو آهي. جڏهن ته واحد مؤنث به ٻنهي محاورن ۾ ساڳيءَ طرح استعمال ڪيل آهي. جمع جڳدالي ۾ ٻئي "ن" حذف ڪيل آهن ۽ فراڪي ۾ هڪ "ن" ۽ ساڳيو "د" حذف ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح جمع مذڪر ۾ جڳداليءَ ۾ ٻئي "ن" حذف ٿيل آهن. فراڪيءَ ۾ هڪ "ن" ۽ ساڳي "د" حذف ٿيل آهي. ٻئي جملي جي واحد مذڪر ۾ جڳدالي ۾ ساڳيو صيغو آهي پر جڏهن ته مؤنث ۾ "ءَ" ۽ "ن" اچار حذف ڪيل آهن. اهڙيءَ طرح فراڪيءَ جي مذڪر ۾ "د" حذف ٿيل آهي، ۽ مؤنث ۾ نه صرف "د" حذف ٿيل آهي بلڪ "ءَ" جو ـَر به حذف ٿيل آهي، جيڪو مؤنث جي وضاحت ڪري ٿو. ٻنهي محاورن ۾ "ءَ" جو اچار نه

حذف ٿيل آهي. ان بدران صرف معياري وانگر "اِ" جو اچار زور ڏيڻي استعمال ڪيو ويو آهي. جمع مذڪر ۽ مؤنث ۾ استعمال ٿيل لفظن جو جائزو وٺنداسين ته ان ۾ به جهدالي مذڪر ۾ "هلدو" ڪري "ن" حذف ڪيو ويو آهي ۽ مؤنث ۾ "هلديون" يعني ساڳيو "ن" جو اچار حذف ڪيل آهي. جڏهن ته فراڪي محاوري جي مذڪر جمع ۾ "هلنو" يعني "د" حذف ڪيل اهي .

مٿين لفظن جون پڇاڙيون اهي ساڳيون آهن ، جيڪي زمان ماضي مطلق ۾ جوڙڻ لاءِ ڪم اچن ٿيون . انڪري چئبو ته جيڪي پڇاڙيون زمان ماضي مطلق جوڙڻ لاءِ ڪم اچن ٿيون، سي ساڳيون اسم حاليه جي پٺيان گڏڻ سان زمان مستقبل ۾ ڪاهين ٿيون.

## اسمن جا گردان

سنڌي ٻوليءَ جي اسمن جي گردانن ڪي ٽنهي محاورن ۾ ڏسبو ته انهن ۾ به ٿورو فرق محسوس ٿيندو . ان جا هيٺ ڪي مثال پيش ڪجن ٿا ، جيڪي /ا/ گردان جا اسم لفظ آهن:

| معياري | | جهدالي | | فراڪي | |
|---|---|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| ڪتابُ | ڪتابَ | ڪتاب | ڪتابان | ڪتاب | ڪتابان |
| ربابُ | ربابَ | رباب | ربابان | رباب | ربابان |
| عتابُ | عتابَ | عتاب | عتابان | عتاب | عتابان |
| شبابُ | شبابَ | شباب | شبابان | شباب | شبابان |
| غارُ | غارَ | غار | غاران | غار | غاران |
| چارُ | چارَ | چار | چاران | چار | چاران (١) |

مٿي ڪتابُ واحد ڪان جمع ڪرڻ وقت ڪتابَ ٿئي ٿو يعني ان جي "اُ" پڇاڙي بدلجي "اَ" ٿئي ٿي. پر هن خطي جي ٽنهي محاورن ۾ آئين نه آهي . جمع وقت معياري ۾ "اون" پڇاڙي به ڳنڍبي آهي ان لحاظ سان "اون" بدران هن خطي ۾ "آن" پڇاڙي ملائي جمع جوڙيو وڃي ٿو . ان ڪري سڀني لفظن ۾ "آن" پڇاڙي جو گردان ٿئي ٿو. ان جا مثال صفتن جي گردانن ۾ ملندا جيڪي هيٺ پيش ڪجن ٿا :

---

(١) شيخ واحد بخش: "سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو" س-ا-ب حيدرآباد ١٩٨٦ ص ١٧۴ .

مٿين سنڌي جي قسم ڪي جڏهن ٻنهي محاورن ۾ ڏسبو ته انهن جي اچارن ۾ فرق نظر ايندو، مثلاً:

ٿانءُ + اً = ٿانوَ بدران "ٿان"
پاءُ + ا = پاوَ بدران "پاءِ" يا "پا"
ڪانءُ + اً = ڪانوَ بدران "ڪان"
گهاءُ + اً = گهاوَ بدران "گها"

اهو فرق ان ڪري آهي جو مٿين لفظن جي "ءُ" پڇاڙي ٻنهي محاورن ۾ حذف ٿي وڃي ٿي ان ڪري انهن جي ادغام ۾ به فرق آهي.

هاڻ سوال پيدا ٿئي ٿو ته "ٿان"، "پاءِ"، "ڪان" ۽ "گها" جي عددن جمع جي ڪيئن خبر پوي تنهن لاءِ هو "گهڻا" "ڪيترا" "سيڻي" يا ان قسم جا ٻيا وضاحتي لفظ ملائي عدد واحد کان عدد جمع جو مقصد حاصل ڪن ٿا.

## ٢. ورنجي سنڌي

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته آوازن جي ميل جي حالت ۾ ڪن صورتن ۾ پويون جز پهرين جز تي اثر ڪندو آهي، جنهن سبب پهريون جز ڪنهن ٻئين آواز ۾ بدلجي وڃي ٿو. هيٺ ڪي جملا مثال ۾ پيش ڪجن ٿا:

ڪو نه آهي = ڪونهي - ڪونه آهن = ڪونهن
ڪانه آهي = ڪانهي - ڪين آهن = ڪِنهن
درويش آهن = درويشن (١)

هاڻ مٿين جملن کي جڏهن ٻنهي محاورن ۾ ڏسبو ته "اِدغام" جي ترڪيب ته ساڳي نظر ايندي پر مقامي ٻولين جي اثرن سبب "ڪونهي" "ڪانهي" "ڪونهن" ۽ "ڪِنهن" جا مرتب لفظ ترتيبوار "ڪوني" "ڪاني" "ڪونن" ۽ "ڪِنن" طور استعمال ٿيندي ملن ٿا. يعني انهن جو "هه" حذف ٿئي ٿو.

ان قسم جي ٻنهي محاورن جا ٻيا جملا اهڙا آهن جن ۾ اها ترتيب ساڳي طرح مروج آهي پر اهي لفظ پنهنجي وسر گاڻي حالت وڃائي اوسرگ حالت ۾ ڪم اچن ٿا، مثلاً:

معياري - گڏ آهيون
جهدالي - گڏ هون
فراڪي - گڏون
معياري - کائيندا آهيون
جهدالي - کائيندا هون
فراڪي - کائينا ئون
معياري - پڙهندا آهيون

---

(١) الانا غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ جو ايياس" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو ١٩٨٧ ص ١٢٠

جفدالي - پڙهدا هون
فراڪي - پڙنائون
مٿين جملن جي ادغام تي غور ڪبو تہ پهرين جملي جي جفدالي محاوري ۾ "گڏهون" استعمال ڪري "اَ" حذف ڪيو ويو آهي. ٻي جملي ۾ "ڪائيندا هون" استعمال ڪري ساڳي طرح "اَ" حذف ڪيل اهي. جڏهن تہ ٽين جملي ۾ "پڙهداهون" استعمال ڪري نہ صرف "اَ" جو اچار حذف ڪيو ويو آهي بلڪ "پڙهندا" جو "ن" بہ حذف ڪيو ويو آهي.

اهڙي طرح جڏهن فراڪي محاوري ۾ انهن جي استعمال جو جائزو وٺبو تہ "گڏ آهيون" بدران "گڏون" استعمال ڪري"آهہ" حذف ڪيو ويو آهي. ڪائيندا آهيون کي "ڪائينائون" استعمال ڪري نہ صرف "آهہ" حذف ڪيو ويو آهي بلڪ "د" بہ حذف ڪئي وڃي ٿي. اهڙي طرح پڙهندا آهيون کي "پڙنائون" استعمال ڪري ان مان نہ صرف "آهہ" حذف ڪيو ويو آهي بلڪ ساڳي طرح "د" بہ حذف ڪيل آهي جيئن هو هميشہ ڪن ٿا.

## محاورن جو نحوي اصولن موجب جائزو

سنڌي ويا ڪرڻ ۾ نحو اهو علم آهي جنهن مان ڳالهائڻ جي جملن، لفظن ۽ حرفن جي ترتيب ۽ ترڪيب جو پتو پوي ۽ انهن جي باهمي تعلق ۽ حقيقت واضح ٿئي.

علم نحو جي اصولن مطابق لفظن جي بناوت، جملن جي بناوت انهن جي تقسيم ۽ ترتيب، تفريق، اشتقاق، اصطلاح، خوش ڪلامي ۽ عبارت آرائي مضمون نويسي ۾ اچي وڃن ٿا. مٿين اصولن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي ساڳيا اصطلاحي نالاجي صرف ۾ ڪم اچن ٿا سي ئي وري نحو ۾ بہ ڪم اچن ٿا. جيئن تہ اسم، فعل، حرف، صفت، ضمير، جنس، حالت، زمان وغيره اهي سڀ صرف ۾ انهيءَ ڪري اچن ٿا تہ خبر پوي تہ انهن ۾ لفظن جون جدا جدا صورتون ڪهڙيون آهن. پر نحو ۾ اهي ساڳيا لفظ انهيءَ لاءِ ٿا استعمال ٿين تہ جيئن انهن جي گڏجڻ جا قانون معلوم ٿين جن موجب اهي صحيح ڳالهائي ۽ لکي سگهجن(١)

سنڌي ٻوليءَ جي ڏهن اعرابن جي مدد سان لفظ ۽ جملا جوڙجن ٿا. لفظ جوڙڻ کي "علم املا" چئبو آهي.

### املا جوڙڻ

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويوآهي تہ اکرن کي ملائي لفظ جوڙڻ جي عمل کي "علم املا" چيو وڃي ٿو. ان علم موجب اسين هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي مقرر ڏهن اعرابن جي مدد سان "لفظ" جوڙي ٻنهي محاورن ۾ انهن جي نحوي جوڙجڪ ۽ استعمال جو جائزو وٺنداسين. مثلاً:

---

(١) مرزا قليچ بيگ، "سنڌي ويا ڪرڻ"، ڀاڱو ٻيو، ص ٢-٣

لفظن جون پڇاڙيون حذف ٿيڻ جي صورت ۾ جڏهن مذڪر يا مؤنث جي حقيقت واضح نہ هجي تڏهن انهن کي واضح طور مذڪر يا مؤنث ڪرڻ لاءِ ٻنهي محاورن ۾ ڪن ٻين حرفن ۽ لفظن جو استعمال ڪرڻو ٿو پوي. مثلاً:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| معياري | "تڏ" | مؤنث | پڇاڙي | "ا" |
| جهڏالي - | "تڏي" | مؤنث | پڇاڙي | "اِي" |
| فراڪي - | "تڏِي" | مؤنث | پڇاڙي | "اِي" |
| معياري - | "تَڏَ" | منڪر | پڇاڙي | اَ" |
| جهڏالي - | "تَڏو" | منڪر | پڇاڙي | "او" |
| فراڪي - | "تڏو" | منڪر | پڇاڙي | "او" |
| معياري - | "تڏ" | منڪرعدد جمع | پڇاڙي | "ا" |
| جهڏالي - | "تڏو" | منڪر | پڇاڙي | "او" |
| فراڪي - | "تڏو" | منڪر | پڇاڙي | "او" |
| معياري - | "تڏ" | منڪرعدد جمع | پڇاڙي | "ا" |
| جهڏالي ۽ فراڪي - | "تڏا" | منڪرعدد جمع | پڇاڙي | "آ" |
| معياري - | "تڏيون" | منڪرعدد جمع | پڇاڙي | "اون" |
| جهڏالي ۽ فراڪي - | "تڏان" | منڪرعدد جمع | پڇاڙي | "آن" |

مٿين فرقن مان معلوم ٿيو تہ ٻنهي محاورن ۾ آ-اِ-آ وارن هلڪن اُچارن جي حذف ٿيڻ ڪري لفظن کي منڪر يا مؤنث جوڙڻ وقت ڳورن اچارن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح عدد واحد مان عدد جمع جوڙڻ وقت بہ ساڳيو طريقو اختيار ڪرڻو پوي ٿو. اهڙن قسمن جي هلڪن اچارن جو حذف ٿيڻ ۽ انهن کان پوءِ انهن بدران ٻيا ڳورا اچار استعمال ڪري لفظ جوڙڻ سبب معياري کان ٻيا محاورا ڦٽي نڪرن ٿا.

اهي ٽيئي هلڪا اچار خطي جي بروهي، بلوچي، پشتو ۽ سرائيڪي ٻولين جي اثر سبب حذف ٿي وڃن ٿا. ڇو تہ انهن ٻولين جي پڇاڙين ۾ اهي ٽيئي اچار اڪثر ڪونہ هوندا آهن، جن جو اثر اسان جي سنڌي ٻولي تي بہ پيو آهي.

## لفظن جي نحوي جوڙجڪ

هر هڪ ٻولي ۾ ٻين ٻولين مان نوان ۽ گهرج وارا لفظ وٺي حذب ڪرڻ جي خاصيت هوندي آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي بہ ان خاصيت کان محروم نہ آهي. ان حقيقت بابت مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ علم نحو ۾ عربي ۽ فارسي جو جيترو قدر دخل سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، تنهن سبب گهڻا لفظ ڪريل ۽ بدليل صورت ۾ ڪم اچن ٿا ۽ سڀ ڪنهن ٻوليءَ جو هي دستور آهي تہ ٻي ٻوليءَ جا لفظ وٺي انهن جا ڪي حرف يا اچار ڦيرائي ڪم آڻجن ٿا. جيئن "گ" کي "ڳ"، "ب" کي "ٻ"، "ج" کي "ڄ"، "غ" کي "گ" طور ڪم آندو وڃي ٿو. ان کان علاوه ڪي لفظ اهڙا بہ آهن جيڪي ٻين ٻولين کان وٺي مختلف اچارن سان استعمال ڪجن ٿا. مثلاً: "قفل" کي

| معياري | جدالي | حذف | اضافو | فراڪي | حذف | اضافو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| صفت | صپت | ف | پ | صپت | ف | پ |
| مفت | مخت | ف | خ | مخت | ف | خ |
| وقت | وخت | ق | خ | وخت | ق | خ |
| هيس | هينٿنس | - | ن ن ء | هينٿنس | - | ن.ن.ء |
| ڪاٻ | ڪائي يي | ب | ء ي ي پ | ڪائي بي | - | ء ي ي |
| ننيو | ننيو | - | - | ننبو | ي | ب |
| منهن | مونهن | - | و | مونٿن | هـ | و.ء |
| ڏِجوس | ڏِينجوس | - | ي.ن | ڏينجوس | - | ي ن |
| سنگهڻ | سونگهڻ | - | و | سولگن | گهـ | و.گ |
| ٻاهر | ٻَهر | ا | - | ٻٿر | ا هـ | ء |
| وهاٽو | وياٽو | هـ | ي | وياٽو | هـ | ي |
| نڪاح | نيڪح | ا | ي | نيڪح | ا | ي |
| سبيل | سيبل | ب | ٻ | سيل | ب ي | ٻ |
| ٽيڻي | ڏيوڻي | - | و | ڏيوڻي | - | و |
| فيصلو | ڦيصلو | ف | ڦ | ڦينصلو | ف | ڦ ن |
| ڪنوار | ڪَنٽار | و | ء | ڪنٽار | و | ء |
| آرامي | آسراتي | م | س ت | آسراتي | م | س ت |
| زڪوات | زڪائت | و | ء | زڪائيت | و | ءي |
| دونهون | دود | و ن هـ | ن د | دود | ن هـ | ن و د |
| نگهبان | نگهوان | ب | و | نگيوان | هـ ب | ي.و |

مٿين لفظن جي نحوي بناوتن تي غور ڪبو تہ اسان کي ڪافي فرق نظر اچي ٿو. لفظن مان حرف حذف ڪري ٻيا حرف استعمال ڪيا وڃن ٿا. ڪن لفظن مان ڪوبہ حرف حذف ڪو نہ ٿو ڪيو وڃي بلڪہ ٻين حرفن جو اضافو ڪيو وڃي ٿو. اهڙن حرفن جي ڪا بہ خبر ڪا نہ ٿي پوي تہ انهن ۾ اها تبديلي ڪهڙين ٻولين سبب ٿي آهي. پر انهن لفظن ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ آهن جن تي غور ڪرڻ سان اهو پتو پوي ٿو تہ انهن تي ڪهڙي ٻوليءَ جو اثر موجود آهي . مثلاً "آرامي" لفظ مان "آسراتي" "دونهون" مان "دود" ، "نگهبان" مان " نگهوان" يا "نگيوان" ، بلوچي ۽ بروهي زبانن جي اثرن جو نتيجو آهي. جڏهن تہ "سنگهڻ" مان "سونگڻ" ۽ "نڪاح" مان"نيڪح" سرائيڪي ٻولي سبب ٿيو آهي . باقي حرفن تي هونئن تہ سرائيڪي جو اثر آهي. پر اهو ايترو واضح نہ آهي جيترو مٿي ذڪر ڪيل لفظن تي نظر اچي ٿو.

هاڻ اسين تفصيلوار مختلف پچاڙين جي مدد سان جوڙيل مفرد لفظ پيش ڪنداسين ، جن مان اڪثر معياري وارائي لفظ ٻنهي محاورن ۾ استعمال ٿين ٿا.

| معياري | جڳدالي | فراڪي |
| --- | --- | --- |
| پڙهيل | پڙهل | پڙل |
| ڪاوڙيل | ڪاوڙل | ڪاوڙل |
| وڙهيل | وڙهل | وڙل |

مٿين لفظن ۾ جڳدالي محاوري ۾ "يل" مان "ي" جو اچار حذف ڪري استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ فراڪي محاوري ۾ "ي" جي اچار سان گڏ "هہ" جو اچار بہ حذف ڪيو وڃي ٿو.

## "يچو" پڇاڙين وارا لفظ

ڪي لفظ "يچو" پڇاڙين ملائڻ سان استعمال ٿين ٿا. مثلاً : پاڙي+يچو=پاڙيچو، "ماڙيچو" يا "ويڙهيچو" وغيره (١). پر هن خطي جي محاورن ۾ "يچو" پڇاڙي جو استعمال تمام گهٽ ٿئي ٿو ان بدران "سري" پڇاڙي استعمال ٿئي ٿي، جيڪا ضروري ناهي تہ ان قسم جي سڀني لفظن ۾ استعمال ٿئي . "سري" پڇاڙي هن خطي ۾ "پاڙيسري" جهڙي لفظ ۾ ڪم اچي ٿي، جيئن معياري ۾ آهي.

## "ائتو" پڇاڙي وارا لفظ

هن خطي جي بنهي محاورن ۾ "ائتو" پڇاڙي وارن لفظن ۾ "ء" "ت" جو اچار حذف ٿي وڃي ٿو ۽ "ائتو"بدران "آو" جو اچار استعمال ڪجي ٿو .مثال طور "هنڌائتو"، "سنڌائتو"،" ڪمائتو" بدران "هنڌائو"، "سنڌائو" ۽ "ڪمائو" استعمال ٿين ٿا . اهڙي طرح "ايتو" پڇاڙي وارن لفظن مان بہ "ايتو" پڇاڙي "اوُ" جي اچار سان استعمال ڪئي وڃي ٿي . مثلاً گهريتو بدران "گهرو"، "پورهيتو" بدران "پورهيائو" وغيره ."ايتو" يا" ائتو" پڇاڙيون ان ڪري استعمال ڪو نہ ٿيون ٿين جو اِهي معياري محاوري جون معياري پڇاڙيون آهن . جيئن تہ هيءُ علائقو غير معياري واري سنڌي ٻولي جو علائقو آهي ، ان ڪري اني معياري ٻولي واريون معياري پڇاڙيون اڳياڙيون يا "وچياڙيون"اڪثر ڪري استعمال ۾ ڪو نہ ٿيون آنديون وڃن. اهو ئي سبب آهي جو معياري ۽ غير معياري محاورن ۾ اهڙا فرق محسوس ڪيا وڃن ٿا.

## "ونت" پڇاڙي وارا لفظ

هن پڇاڙي جوڙڻ وقت بنهي محاورن ۾ خود انهي پڇاڙي جي شڪل تبديل ٿي وڃي ٿي . ڊاڪٽر غلام علي الانا ڀاڳ + ونت ="ڀاڳونت" ۽ ڪلا+ ونت ="ڪلاونت"(٢) جا لفظ جوڙي ڏيکاريا آهن . جڳدالي ۽ فراڪي محاورن ۾

---

(١) شيخ واحد بخش، "سنڌي ٻولي جي صرف نحو"، ص ١٠٦

(٢) الانا غلام علي ڊاڪٽر، "سنڌي معلم"، س – ا – ب حيدرآباد ١٩٨۴ ،ص ١۴٢

ٻهريون هي تہ انهن جون ا - اِ - ا ڇپاڙيون حذف ٿيل هونديون . ٻيو هيءَ تہ جڏالي ۽ فراڪيءَ ۾ " ٻوڙ " بدران چون " ٻُرڪ " ، " ٻ " واروحرف " ر " گڏيل مرڪب حرف آهي. " وچ " بدران جڏالي ۾ " وڄ " ۽ فراڪيءَ ۾ " وَن " ، " اٺ " بدران ٻنهي ۾ " اٿ " ۽ " ٻيھ " بدران جڏالي ۾ " ٻيھ " ۽ فراڪي ۾ " ٻيہَ " ٿي ڪم اچن ٿا.

## پريوگ

ڊاڪٽرغلام علي الانا پريوگ جا ٽي قسم ٻڌايا آهن: پريوگ ڪرتري ، پريوگ ڪرمڻي ۽ پريوگ ڀا وي ، وصف بابت لکي ٿو . فعل جو اهو گردان يا ڦيرو جنهن ۾ فعل، فاعل سان عدد ۽ جنس ۾ ڦري يعني گردان ڪري تہ فعل جي اهڙي ڦيري کي پريوگ ڪرتري وارو ڦيرو يا گردان چوندا آهن . فعل جو اهو گردان يا ڦيرو جنهن ۾ فعل ، مفعول سان عدد ۽ جنس ۾ ڦري يعني گردان ڪري تہ فعل جي اهڙي ڦيري کي پريوگ ڪرمڻيءَ وارو ڦيرو يا گردان چئبو . پر فعل جڏهن فاعل ۽ مفعول سان ڪو بہ ڦيرو نہ ڏيکاري ۽ مفعول جي پويان " کي " حرف جر استعمال ٿئي تہ فعل جي اهڙي ڦيري کي پريوگ ڀاوي چئبو آهي.

پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي، آلواڻي پيرو مل مهرچند، شرف الدين اصلاحي ۽ مرزا قليچ بيگ جن بہ پريوگ بابت ان قسم جي وصف ڏني آهي .

### پريوگ ڪرمڻي: جملا

هيٺ اسين معياري محاوري جي ڪن پريوگ ڪرمڻي جملن کي ٻنهي محاورن جي نحوي جوڙجڪ سان ڀيٽ ڪنداسين . مثلاً

| | |
|---|---|
| ١. معياري | مون چور جهليو آهي |
| جڏالي | مان چور پڪڙيو آ |
| فراڪي | مان چور پڪڙيو آ |
| ٢. معياري | مون چور جهليا آهن |
| جڏالي | مان چور پڪڙياهِن |
| فراڪي | مان چور پڪڙيائِن |
| ٣. معياري | اسان چور جهليو آهي |
| جڏالي | اسان چور پڪڙيو آ |
| فراڪي | اسان چور پڪڙيو آ |
| ۴. معياري | اسان چور جهليا آهن |
| جڏالي | اسان چور پڪڙيا هِن |
| فراڪي | اسان چور پڪڙيائِن |

مٿين جملن ۾ " جهليو " ، " جهليا " بدران " پڪڙيو "، " پڪڙيا " جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.ا هڙي طرح " آهي " بدران ٻنهي محاورن ۾ " آ " يا " آهن "

جغدالي ۾ " هِن" ۽ فراڪيءَ ۾ " ٿِن" استعمال ڪيا ويا آهن.

## پريوگ ڀاوي: جملا :

هيٺ پريوگ ڀاوي جي جملن جي پيٽ ڏجي ٿي.

| | |
|---|---|
| ١. معياري | مون چور کي جهليو آهي. |
| جغدالي | مان چور کي پڪڙيو ٿم |
| فراڪي | مان چور کي پڪڙيو ٿم. |
| ٢. معياري | مون چورن کي جهليو آهي. |
| جغدالي | مان چورن کي پڪڙيو ٿم . |
| فراڪي | مان چورن کي پڪڙيو ٿم. |
| ٣.معياري | اسان چور کي جهليو آهي. |
| جغدالي | اسان چور کي پڪڙيو ٿسي |
| فراڪي | اسان چور کي پڪڙيو ٿسي |
| ۴. معياري | اسان چورن کي جهليو آهي |
| جغدالي | اسان چورن کي پڪڙيو ٿسي |
| فراڪي | اسان چورن کي پڪڙيو ٿسي |

مٿين جملن ۾ ساڳيو" جهليو" بدران "پڪڙيو" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي ، پر پريوگ ڀاوي جملي جي حالت ۾ جڏهن مفعول جي پويان حرف جر "کي" جي علامت کي استعمال ڪرڻو آهي تہ ٻنهي محاورن ۾ "آهي" واري علامت "ٿم" بدران"ٿسي" ۾ بدلجي استعمال ٿئي ٿي. اهو ڦيرو سرائيڪي ٻوليءَ جي اثر سبب ٿيو آهي.

## پريوگ ڪرتري: جملا

هيٺ ڪرتري پريوگ جي ڪن جملن جي پيٽ پيش ڪجي ٿي:

| | |
|---|---|
| ١. معياري | ماني کاڌ ٿو |
| جغدالي | ماني کائيندو پيو هان |
| فراڪي | ماني کائينو پئو آن |
| ٢. معياري | ماني کائن ٿا |
| جغدالي | ماني کائيندا پيا هِن |
| فراڪي | ماني کائينا پيائِن. |

هن جملي ۾ فراڪيءَ جي لفظ" هو" بدران " هئو" استعمال ٿيل آهي.

حڪمي جملو:

| | |
|---|---|
| معياري | اڄ مارڪيٽ مان مڇي وٺي اچُ |
| جڳدالي | اڄ مارڪيٽ مئون مڇي وٺي آچ |
| فراڪي | اڄ، مارڪيٽ مئون مڇي وٺي آچ |

هن جملي ۾ ٻنهي محاورن ۾ لفظ "مان" بدران" مئون " ۽ "اچُ" بدران "آچ" استعمال ٿيل آهي يعني اچُ جي " چ" واري "آ" پڇاڙي حذف ٿيل آهي.

سوالي جملو:

| | |
|---|---|
| معياري | سائين مهرباني ڪري پوليس کان بچايوم |
| جڳدالي | سائين ميرباني ڪري ماکي پوليس کئون بچائو |
| فراڪي | سائين ميرباني ڪري ماکي پوليس کئون بچائو |

هن جملن جي ٻنهي محاورن ۾ " ماکي "(مون کي) لفظ جو اضافو ڪيو ويو آهي ڇو تہ "بچايوم" لفظ ۾"م" واري ضميري پڇاڙي ٻنهي محاورن ۾ استعمال ڪو نہ ٿي ٿئي. مثلاً " مارايوم" ،"کٽايوم" ، "پڙهايوم" وغيره جهڙيون پڇاڙيون ٻنهي محاورن ۾ ڪونهن ، ان ڪري مجبوراً انهن کي وضاحت طور" ماکي " (مون کي ) لفظ ڳنڍي جملي کي بامقصد بڻائڻو پوي ٿو. اهڙي طرح "کان " بدران ٻنهي محاورن ۾ "کئون" جو لفظ استعمال ڪيل آهي. "بچايو"بدران "بچائو"ڪم آندل آهي يعني هن لفظ جي"ي" حذف ڪري "ء" شامل ڪيو وڃي ٿو. "مهرباني" بدران ٻنهي محاورن ۾ "ميرباني " ڪم آندو ويو آهي. يعني"هہ" بدران"ي" جو اچار شامل ڪيو ويو آهي. فراڪي محاوري ۾ "مهرباني" بدران بروهي زبان کان متاثر لفظ "ميرواني " ۽ "مهرواني" بہ استعمال ڪجي ٿو.

سوالي جملو:

| | |
|---|---|
| معياري | در تي ڪير آيو آهي؟ |
| جڳدالي | در تي ڪير آئو آ ؟ |
| فراڪي | در تي ڪير آئو آ؟ |

هن جملي ۾ ٻنهي محاورن ۾ "آيو" بدران "آئو" ۽ "آهي" بدران "آ" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

تمنائي جملو:

| | |
|---|---|
| معياري | شل ائين ٿئي. |
| جڳدالي | شل اين ٿي. |
| فراڪي | شل اين ٿي. |

معياري	چوکر انب کائي ٿو
جفدالي	چوڪرو انب کائيندو پيو آ.
فراکي	چوڪرو انب کائينو پئو آ.

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ پنهي محاورن ۾"ٿو" جي علامت استعمال ڪو نہ ٿي ڪئي وڃي ان بدران"پيو" جي علامت ڪم آڻجي ٿي، جنهن لاءِ جملي ۾ موجود فعل کي اسم حاليہ بڻائڻو پوي ٿو . ان ڪري "کائي ٿو" بدران پنهي محاورن ۾ "کائيندو پيوآهي" استعمال ڪرڻو پوي ٿو. ان لاءِ جفدالي ۾ "کائيندو پيو آ" ۽ فراکي ۾ "کائينو پئو آ" استعمال ڪجي ٿو.

معياري	چوڪر بوڙندو گهر ويو
جفدالي	چوڪرو برڪندو گهر ويو
فراکي	چوڪرو برڪنو گهر وئو

اهو جملو جنهن ۾ بنيادي فعل هڪ هجي پر ان ۾ اسم حاليہ يا ماضي معطوفي استعمال ٿيل هجن تہ ان کي بہ مفرد جملو چيو وڃي ٿو، جيئن مٿيون جملو اسان پيش ڪيو آهي . هن مفرد جملي جي استعمال ۾ بہ فرق آهي. اسم حاليہ "بوڙندو" جفدالي ۽ فراکي پنهي محاورن ۾ "برڪندو" تي ڪم اچي ٿو ، پر محاورن واري نحوي بناوت موجب اهو جفدالي ۾ "برڪدو" ۽ فراکي ۾"برڪنو" ڪم اچي ٿو. لفظ "پيو" فراکي ۾ "پئو" ڪم آيل آهي.

مرتب جملا

مرتب جملن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل ٿين ٿا ۽ هڪ بنيادي جملي سان گڏ ان جو ماتحت جملو بہ گڏ جي ٿو. اڙدو ۾ بنيادي جملي کي "اصل" ۽ ماتحت جملي کي "طابع" چيو وڃي ٿو . هيٺ اسين ڊاڪٽر غلام علي الانا جن جي ڏنل مختلف جملن کي پنهي محاورن جي پيٽ سان پيش ڪريون ٿا جن مان سندن فرق نمايان ٿئي ٿو:

١. معياري -	آءٌ ڪونہ آيس ڇا ڪاڻ تہ مونکي وقت ملي نہ سگهيو.
جفدالي -	مان نہ اچي سگهيم چو تہ ماکي وخت نہ ملي سگهيو.
فراکي -	مان نہ اچي سگهيم چو تہ ماکي وخت نہ ملي سگهيو.
٢. معياري -	احمد هڪ چوڪرو آهي جنهن کي تون سڃاڻندو آهين.
جفدالي -	احمد هڪ چوڪرو آ جيئن کي تون سڃاڻدو آن.
فراکي -	احمد هڪ چوڪرو آ جين کي تون سناڻنو آن.
٣. معياري -	جيڪڏهن اهو ڪم ڪندين تہ تون نقصان پائيندين.
جفدالي -	جي ايهو ڪم ڪندين تہ تون نخصان کائيندين
فراکي -	- جو ايئو ڪم ڪنين تہ تون نخشان کائينين

پهرين جملي جي جفدالي محاوري ۾"آءٌ" بدران " مان " " ڇا ڪاڻ" بدران " چو تہ " " مونکي " بدران "ماکي" ۽ "وقت" بدران "وخت" جا لفظ ڪم آندا ويا

طرح جا لفظ استعمال ڪيل آهن، فرق صرف" انهيءَ" بدران" اٿي" جو آهي. جفدالي ۾ "ه" جو اچار حذف ڪيو وڃي ٿو پر فراڪي ۾ "ڻ" جو اچار استعمال ڪجي ٿو جيڪو"ن" بدران شامل ڪيو آهي.

## زمانن مطابق جملا

هيٺ اسين معياري محاوري جي مرزا قليچ بيگ جي ڏنل مختلف جملن کي مختلف زمانن جي ترتيب سان ٻنهي محاورن جي ڀيٽ ۾ پيش ڪنداسين:

## زمان حال جا جملا

زمان حال جا ٽي قسم آهن، پهريون زمان حال مطلق، ٻيو زمان حال مدامي ۽ ٽيون زمان حال متشڪي هيٺ زمان حال جي ٽنهي قسمن جي جملن جا مثال پيش ڪجن ٿا.

| | |
|---|---|
| ١- معياري | آءٌ خط لکان ٿو. |
| جفدالي | مان خط لکنو پيو هان. |
| فراڪي | مان خط لکنو پيوُ اُن. |
| ٢- معياري | هو گهر وڃي ٿو. |
| جفدالي | هو گهر وينئو پڱو آ. |
| فراڪي | هو گهر وينو پڱو آ. |
| ٣- معياري | انور اسڪول پڙهندو آهي. |
| جفدالي | انور اسڪول پڙهدو آ. |
| فراڪي | انور اسڪول پڙهنو آ. |

جيئن اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ معياري وانگر هن خطي ۾ ٿو، ٿا، ٿي ۽ ٿيون جون علامتون استعمال ڪونہ ٿيون ڪيون وڃن بلڪ انهن بدران پيو، پيا، پئي ۽ پيون جون علامتون استعمال ڪجن ٿيون ان لحاظ کان مٿي ڏنل "ٿو" واري جملي ۾ " پيو" واريون علامتون استعمال ڪيون ويون آهن. باقي مٿي ذڪر ڪيل جفداليءَ مان "ن" ۽ فراڪي مان "د" جي حذف ٿيڻ جو دستور جاري آهي. "پڙهندو" يا " لکندو" جهڙا اسم حاليہ لفظ هميشہ ٻنهي محاورن ۾ " پڙهدو" ،"پڙنو" ۾ "لکدو" ۽ "لکنو" ڪري استعمال ڪجن ٿا.

## زمان ماضي: جملا

زمان ماضيءَ جا هي قسم آهن: ١. ماضي مطلق ٢.ماضي قريب ٣. ماضي بعيد ۴.ماضي استمراري ۵.ماضي مدامي ٦.ماضي متشڪي (١) هيٺ انهيءَ ترتيب سان ٻنهي محاورن جي ڀيٽ ڪجي ٿي:

(١) مرزا قليچ بيگ: " سنڌي ويا ڪرڻ" ڀاڱو ٽيون ، ١٩٦٠ص ۵۵- ١۵٦

| | |
|---|---|
| ١-معياري | هو پڙهيو |
| جهدالي | هو پڙيو |
| فراکي | هو پڙيو |
| معياري | هو ويو |
| جهدالي | هو ويو |
| فراکي | هو وئو |
| ٢. معياري | هو پڙهيو آهي |
| جهدالي | هو پڙهيو آ. |
| فراکي | هو پڙيو آ. |
| معياري. | هو ويو آهي. |
| جهدالي | هو ويو آ. |
| فراکي | هو وئو آ. |
| ٣. معياري | هو پڙهيو هو. |
| جهدالي | هو پڙهيو هيو |
| فراکي | هو پڙيو هئو. |
| معياري | هو ويو هو. |
| جهدالي | هو ويو هو |
| فراکي | هو وئو هئو. |
| ۴- معياري | هو پڙهندو هو. |
| جهدالي | هو پڙهدو هو |
| فراکي | هو پڙنو هئو. |
| معياري | هو ويندو هو. |
| جهدالي | هو ويندو هيو. |
| فراکي | هو وينو هئو. |
| ۵- معياري | هو پڙهي ها. |
| جهدالي | هو پڙهي هئي. |
| فراکي | هو پڙي هئي. |
| معياري | هو پڙهي هوڏانهن ويو. |
| جهدالي | هو پڙهي هوڏي ويو. |
| فراکي | هو پڙي هوڏي وئو. |
| ٦- معياري | هو پڙهي ٿي سگهيو. |
| جهدالي | هو پڙهي پيو سگهي. |
| فراکي | هو پڙي پئو سگهي. |

مٿين جملن ۾ " ها " بدران ٻنهي محاورن ۾ " هئي " " هوڏانهن " بدران " هوڏي " ٿي سگهيو " بدران " پيو سگهي " استعمال ڪيل آهي. " ئو " جي علامت ٻنهي ۾

٥. جملو پنجون

| | |
|---|---|
| معياري | هو رڳو گهمندو آهي. |
| جڳدالي | هو چڙو گهمدو آ. |
| فراڪي | هو چڙو گهمنو آ. |

هن جملي ۾ "گهمندو" بدران جڳدالي ۾ "گهمدو" (يعني ن حذف ) ۽ فراڪي ۾ "گهمنو" يعني "د" حذف ڪري استعمال ڪيو ويو آهي؛ جڏهن ته ٻنهي محاورن ۾ " آهي" بدران "آ" استعمال ڪيو ويو آهي.

٦. جملو ڇهون

| | |
|---|---|
| معياري | مونکي ڪهڙي خبر جو رهجي ويندس. |
| جڳدالي | ماکي ڪيڙهي ڪبر جو رهجي ويندوهان. |
| فراڪي | ماکي ڪيڙي ڪبر جو رئجي وينو آن. |

هن جملي ۾ جڳدالي؛ ۾ "مونکي" بدران "ماکي"، "ڪهڙي" بدران "ڪيڙهي"، "خبر" بدران "ڪبر"، "ويندس" بدران "ويندوهان" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح فراڪيءَ ۾ "مونکي" بدران "ماکي"، ڪهڙي بدران "ڪيڙي"، "رهجي" بدران "رئجي" ۽ "ويندس" بدران "وينو آن" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

٧. جملو ستون

| | |
|---|---|
| معياري | اهو ڪيڏانهن ڦري رهيو آهي. |
| جڳدالي | اوهو ڪاڏي ڦردو پيو آ. |
| فراڪي | اوئو ڪيڏي پرڪنو پئو آ. |

هن جملي جي جڳدالي محاوري ۾ "اهو" بدران "اوهو" يعني "و" جو اضافو ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. لفظ "ڪيڏانهن" بدران "ڪاڏي" يعني ن-هـ-ن جا حرف حذف ڪري استعمال ۾ آندو ويو آهي."ڦري رهيو آهي" لفظن کي "ڦردو پيو آ" ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. اهو ان ڪري جو هن خطي ۾ "ٿو" علامت وانگر "رهيو" علامت بہ استعمال ڪا نہ ٿي ڪئي وڃي، جنهن ڪري انهن جي جاءِ پرڻ لاءِ"پيو" جو لفظ استعمال ڪجي ٿو جيئن ٻنهي محاورن ۾ "ٿو" علامت بدران ڪيو وڃي ٿو. "ٿو" يا "رهيو" جي علامتن کي استعمال ۾ نہ اڻڻ سبب ٻنهي محاورن ۾ ان ڪان اڳين لفظ کي اسم حاليہ جي صورت ۾ آڻڻو پوي ٿو. جيئن "ڦري" کي "ڦرندو" بدران " ڦردو" جڳدالي ۾"ڦرنو" فراڪيءَ ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. پر جيئن تہ"ڦرڻ" کي فراڪيءَ ۾ "پرڪڻ" طور بہ ڪم آندو وڃي ٿو، ان ڪري بہ"ڦرندو" بدران "پرڪنو" ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. "ڪيڏانهن" لفظ کي فراڪيءَ ۾ "ڪيڏي" ۽ "پيو آهي" بدران "پئو آ" ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو.

٨.جملو اٺون

| | |
|---|---|
| معياري | ڇا توهان اسڪول ۾ پڙهندي آهين؟ |
| جفدالي | تون اسڪول ۾ پڙهدي اَن. |
| فراڪي | تون اسڪول ۾ پڙني اَن. |

هن سوالي جملي جي ٻنهي محاورن ۾ "ڇا" جو لفظ استعمال ڪو نہ ٿو ڪيو وڃي ڇو تہ " ڇا " معياري محاوري جي لهجي ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيئن تہ اهي سڀئي محاورا معياري نہ آهن ان ڪري ٻنهي محاورن ۾ "ڇا" جو لفظ اڳ ۾ استعمال ڪو نہ ٿو ڪيو وڃي بلڪ پنهنجي جملي جي آخري لفظ اَهين کي "اَن" جي صورت ۾ زور ڏيئي استعمال ڪندي سوالي اثر (لهجي ) ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. "پڙهندي" لفظ جفداليءَ ۾ "پڙهدي" ۽ فراڪي ۾ "پڙني" استعمال ڪيو وڃي ٿو.

٩.جملو نائون

| | |
|---|---|
| معياري | ڪائيون ڪپي گهر موڪل. |
| جفدالي | ڪائيون ڳڏي گهر مُنج. |
| فراڪي | ڪائيون ڳڏي گر مُنج. |

هن جملي ۾ "ڪپڻ" کي "ڳڏڻ" جي صيغي ۾ استعمال ڪيو ويو آهي."موڪل" بدران ٻنهي محاورن ۾ "منج" استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو سرائيڪي زبان جي اثر بلڪ خود ان زبان جو لفظ آهي. " ڳڏڻ" بروهي زبان ۾ ڪپڻ کي چيو وڃي ٿو جيڪو ٻنهي محاورن ۾ استعمال ٿئي ٿو. " گهر" لفظ فراڪي ۾ "گر" ڪري وسرگ کان اوسرگ استعمال ڪيل آهي.

١٠.جملو ڏهون

| | |
|---|---|
| معياري - | هو نيٺ وٺي آيس. |
| جفدالي - | هن اخير وٺي آندس. |
| فراڪي - | هڻ آخير وٺي آندس. |

هن جملي ۾ "هو" بدران "هن" جفداليءَ ۾، ۽ "هڻ" فراڪيءَ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي."نيٺ" بدران ٻنهي محاورن ۾ ". آخير" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو بروهي ۽ بلوچي زبانن جي اثرن سبب بدليو آهي. جڏهن تہ " آيسُ" جو لفظ بہ ٻنهي محاورن ۾ "آندس" جي صورت ۾ ستعمال ڪيو ڪيو وڃي ٿو، جنهن تي سرائيڪيءَ جو اثر آهي.

# جغدالي محاوري جي هڪ ڪهاڻي*

هڪ هو باچا. اصل باچا ته خدا هي، پر هي ان باچا جي ڳال آ، جيڪو توري وخت(١) ڪان (٢) باچا هو. باچا کي بار ڪو نه تيندا ها. جنهن ڪري هو حياتي ڪثون (٣) تنگ ٿيو هو. هڪ دفعي اوهو باچا رستي تي وڃي ستو. جين (۴) ماٿو (۵) ماڪي (٦)لتاڙي مارن (٧) ائون ان ڏکي حياتي ڪثون جند ڇٽي. ڪيترائي ڏينئن اوهو (٨) اتي پيو رهيو. هڪ ڏينئن هڪ فقير ان کي ڏسي اچي پڇيس (٩)” اي شخت (١٠) تو کي ڪيڙهو ڏک آ جو تون رستي تي ائين پيو آن جو ماٿو تنجي (١١) مٿئون (١٢)لنگهن ٿا. تون اصل آتدو (١٣) پي نه پيو آن “!!

باچا فقير کي سارو قصو ٻڌايو ته اولاد نه ٿيڻ ڪري مان پانجي حياتي ڪثون تنگ ٿي هتي پيو آن ته جين ماٿو ماڪي لتاڙي مارن. فقير باچا کي پانجي لٺ ڏيئي چيو ته فلاڻي وڻ کي وڃي هڻ. جيترا ڦل ڪردا (١۴) اوترا تو کي بار جمدا (١۵) پر شرط هي آ ته انن (١٦) مٿون اڌ تون ائون اڌ تنجي گهر واري کائيندوَ.

باچا بسم الله ڪري فقير جي لٺ وڃي ان وڻ کي هنئين . پر هڪڙو داڻو هيٺ ڪريو. اڌ ياڻ کاڌئين اڌ زال کي کارائيئين. فقير باچا کي ايهو (١٧) به چيو هو ته بار ستن سالن تائين ڪينڪي (١٨) پي نه ڏيکارجان. خدا جي حڪم سان ان کي پٽر (١٩)پيدا ٿيو. جيڪوگلن وانگي نازڪ (٢٠) ائون چنبر (٢١) وانکي سٺٿو (٢٢) هو ڪجهه ڏينئن ڪثون پو (٢٣) چوڪرو هوشار (٢۴)ٿيو ته باچا ان کي بهري (٢۵) ۾ رکايو.

---

* امام بخش شيخ، ڳوٺ جمال خان مغيري ويتل نزد ياڳ کان ٻڌل ڪهاڻي.

(١)وخت=وقت(٢)ڪان=لاءِ(٣)ڪثون=کان(۴)جين=جيئن(۵)ماٿو=ماڻهو(٦)ماڪي= مونکي(٧)مارن=مارين(٨)اوهو=اهو(٩)پڇيس=پڇيائينس(١٠)شخت=شخص(١١)تنجي =تنهنجي(١٢)مٿون=مٿان(١٣)اتدو=اٽندو(١۴)ڪردا=ڪرندا (١۵)جمدا=ڄمند (١٦) آنن=آنهن (١٧)ايهو=اِهو (١٨) ڪينڪي=ڪنهن کي (١٩) پٽر= پٽ (٢٠)نارزڪ= نازڪ (٢١) چنبر= چنڊ (٢٢) سٺٿو= سهڻو (٢٣) پو= پوءِ (٢۴) هشار= هوشيار (٢۵)بهرو=تهخانو

اتي ان کي پڑهائيو هو. استاد کئون سوا نوکر چاڪر سب (١) ان جي خذمت ڪان مقرر ها. پنج ڇي (٢) سال ان کي اتي ٿي ويا.

بهري ۾ نوکر چاڪر آخير (٣) اڇي تنگ ٿيا. هڪڙي ڏينئن انن بهري کي هڪڙو تنگڙو ناهيو. جاتئون روشني ايندي هئي. جڏين (۴) ڇوکري اوها روشني ڏنئين تہ ان کي ونڻ ڪان هيڏي هوڏي (۵) پڇڻ لڳو. نوکرن ان کي اصلي ڳال بڌائيندي ڇيو تہ ايها (٦) تہ ڪجهہ يي ناهين اصل مزو تہ بهر (٧) آ. باڇا تو کي خامخا (٨) اندر بند ڪري ڇڏيو آ.

شهزادي هڪدم هڪڙي ماڻو کي يي ڏي موڪليو تہ ماکي هتئون جلدي ڪيو. مجبور ٿي باڇا پانجي (٩) پٽ کي بهرڪدايو ائون پڑو (١٠) ڏياريو تہ جيڪو يي شهزادي کي آئينو ڏيکاردو (١١) ان کي قتل ڪري ڇڏبو. فقير باڇا کي هي يي ڇيو هو تہ ستن سالن توڻي ڇوکري کي آئينو يي نہ ڏيکارجو.

هڪ ڏينئن شهزادو گهمدي گهمدي (١٢) هڪجا(١٣) تي هڪ ماڻو کي ڪائي شيء پانجي موڻن جي اڳيئون (١۴) جهلدي (١۵) ڏنئين. جيڪو پانجا وار نائي (١٦) پيو. ماڻو شهزادي کي ڏسدي (١٧) ئي آئينو لڪائي ڇڏيو. پر ڇوکري ان کي تکو ڏيئي آئينو ڦري ورتو ائون ان کي ڏسڻ لڳو.

ڏسي تہ واهہ ! مان ايڑهو(١٨) سنڻو هان (١٩) !!پانجي دل ۾ سمجهدو (٢٠) هو تہ مان جيڑهو (٢١) سنڻو دنيا ۾ ناهي. ايڑهي طرح وخت گذردو (٢٢)هليو. ڇوکري جي شادي جو وخت اڇي پوهتو (٢٣) باڇا وزير وڪيل ائون مشيرن کئون صلاح مشورو ڪيو. صلاح تي انن جون تيئون (٢۴)آئي ڇوکري کي ڏيکاريئون تہ جينکي

---

(١) سب=سپ (٢) ڇي=ڇهہ (٣) آخير=نيٺ (۴) جڏين=جڏهن (۵) هيڏي هوڏي=هيڏانهن هوڏانهن (٦) ايها=اها (٧) بهر= باهر (٨) خامخا=خواهہ مخواهہ (٩) پانجي=پنهنجي (١٠) پڑو=پڑهو (١١) ڏيکاردو=ڏيکاريندو (١٢) گهمدي گهمدي=گهمندي گهمندي (١٣) جا=جاء (١۴) اڳيئون=اڳيان (١۵) جهلدي=جهليندي (١٦) نائي=ناهي (١٧) ڏسدي=ڏسندي (١٨) ايڑهو=اهڑو (١٩) هان=آهيان (٢٠) سمجهدو=سمجهندو (٢١) جيڑهو=جهڑو (٢٢) گذردو=گذرندو (٢٣) پوهتو=پهتو (٢۴) تيئون=تيئرون

هو پسند ڪري، پر ڇوڪري ڪاٺي پي ڇوڪري پسند نہ ڪيئين. ٻاچا کي ڏايي ڪاوڙ لڳي، ائون ڇيئينس تہ تنجي ڪان پري ڪاڏئون (١) آٺان (٢). ڇوڪرو پري جو نالو ٻڌي حيران ٿيو تہ پريون ضرور ايڙهيون سٺيون هونديون (٣) هن.ڪجهہ ڏينئن کئون پو شهزادي ٻاچا کئون موڪل گهري تہ مان وڃي پري هٿ ڪندمَ (۴) وڃڻ وخت هن ايهو بہ ڇيو تہ جيسيتوٺي (۵) پري هٿ نہ ڪندم واپس نہ ايندم. ائين چئي سون چاندي ائون پيسن سان خرجينون ڀرائي سفر تي روانو ٿيو.

هڪ جا تي هن ڏٺو تہ چار ماڻو پاڻ ۾ وڙهدا (٦) پيا هن. انن کئون پڇيئين تہ ڇو وڙهدا پيا هو (٧). انن ٻڌايو تہ اسان ٽري (٨) شيون چوري ڪيون هن هڪ جوتن جي جوڙي، هڪ چراغ، ائون هڪ ديڳڙي، جتي ۾ هي خاصيئت آ جو ان کي پائڻ وارو حضرت سليمان جو نالو وٺي جاتي (٩) وڃڻ چاهيندو. اتي فورن پوهچي ويندو. چراغ کي صفا ڪري قسم ڏبو تہ هو عجيب و غريب ڳاليون (١٠) ٻڌائيندو آ. ديڳڙي کي توئي قسم ڏيس (١١) تہ پانجي پسند جا کادا (١٢) تيار تي ملدا (١٣)هن. جهڳڙو ان ڳال جو آ تہ هاٺي ٽري شيون چئن ماڻن ۾ ڪيئن ورهايون.

شهزادي چيو تہ تئان (١۴) جو ڦيصلو (١۵) هيئن ڪرون (١٦) ٿا جو مان چئني پاسن ڏي پانجون تيران (١٧) ڦٽي ڪران ٿو. جيڪو اڳ ۾ آيو ان کي ڪجهہ پي نہ ڏيندمَ. جيڪو سڀ کئون دير ايندو ان کي سڀ شيون ڏيندمَ. سڀ راضي ٿيا. شهزادي تير ڪمان ڪڍي تيران روانيون ڪري ڇڏيون، هر ڪو پانجي پاسي روانو ٿيو. جڏين سڀ نظرن کئون غئيب (١٨) ٿيا تہ شهزادو جتيون پائي انن کي حضرت سليمان جو قسم ڏيئي چيو تہ پري جي ملڪ پڄائو (١٩) پو

---

(١) ڪاڏئون=ڪيڏانهون يا ڪٿان (٢) آٺان=آئيان (٣) هن= آهن (۴) ڪندمَ= ڪندس (۵)جيسيتوٺي= جيسين.(٦) وڙهدا= وڙهندا (٧) هو= آهيو (٨) ٽري= ٽي (٩) جاتي= جتي (١٠) ڳاليون= ڳالهيون (١١) ڏيس= ڏينس (١٢) کادا= کاڌا (١٣) ملدا= ملندا (١۴) تئان= توهان (١۵) ڦيصلو= فيصلو (١٦)ڪرون= ڪريون (١٧) تيران= تيرون (١٨) غئيب= غائب (١٩) پڄائو= پڄايو

تہ ديرئي نہ ٿي جو شهزادو پري جي شهر پوهچي ويو.

اتي هِن هڪ ڪراڙي جو دروازو کڙڪايو. ڪراڙي نڪري آئي. شهزادي ان کئون پيئڻ جوپاڻي گهريو. جين هڪ پڳل ٿان (١) ۾ ان کي ٿورو پاڻي آني(٢) ڏنو. شهزادو پاڻي پي اوهو ٿان پيسن سان پري واپس ڪيو. ڪراڙي جو وات ئي پٽجي ويو تہ هي ڇا! پيسائي پيسا!! هو لالچ ۾ اچي ڇوڪري کي چڪر ۾ آڻڻ ڪان شهزادي کي چيئين پٽ! مان توتي قربان ٿيان، ماکي خبر نہ هئي جو تون مُنجي (٣)دين جي پا(٤) جو پٽ آن! چو تہ منجون اکيون هاڻي ڪمزور ٿي ويون هِن. هل اندر ويهہ، ماني باني کا (٥) ساهي پٽ!!

شهزادي جي چوڻ تي ڪراڙي ٻڌايو تہ پري فلاڻي باچا جي ڌي آ، ان شادي ڪرڻ ڪان هي شرط رکي آ تہ جيڪو صبوُ (٦) کئون شام تو ئي ان کي ڳال ڪرائيندو ان سان شادي ڪندي نہ تہ ان جو منڍي ترار سان لاهي ڇڏيندي. شهزادو شرط ٻڌي باچا جي نغاري کي وڃي وڄايو. هن کي باچا جي سامون (٧) آندئون. هن ٻڌايو تہ مان شهزادي سان شادي ڪرڻ ڪان آيو هان، شرطون ماکي قبول هِن. باچا هن جي سنٹي صورت ڏسي افسوس ڪيئين تہ شرط پوري نہ ڪري سگهيو تہ هن سنٹي جي منڍي پي ٻين وانگي لاٿي ويندي. ان ڪري شهزادي کي چيئين تہ ايهو خيال دل کئون گڍي (٨) ڇڏ نہ تہ سر ويندئي. شهزادي چيو پروا (٩) ناهي مان ان ڪان تيار آ هاڻي ماکي صرف ست نوجوان جدا جدا ذاتن وارا ڏي تہ جيئن اوهي اتي موجود هجن، چو تہ شهزادي ڳال ڪري متان پو نہ مني(١٠).

باچا جي ڏنل ستن جوانن سان شهزادي کي شهزاديءَ جي سامون آندئون. جيڪي (١١)هڪ پلنگ تي ويني چند وانگي پئي چمڪي. ڇوڪرو اچڻ ست (١٢) پري کي چيس (١٣) ماکي ڪاتو ڪارا (١٤) پر پري ڪجهہ پي نہ ڳالايو. ڇوڪري ڇا ڪيو جو ديگڙي گڍي ان کي حڪم ڏنئين تہ ايٿهو ڪاتو تيار ڪري ڏي جو پري جي ستن

(١) ٿان= ٿانءِ (٢) آني= آڻي (٣) منجي= منهنجي (٤) پا= پاءِ (٥) کا= کاءِ (٦) صبوُ= صبح (٧) سامون= سامهون (٨) گڍي= ڪڍيِ (٩) پروا= پرواهہ (١٠) مني= مڃي.(١١) جيڪي= جيڪا (١٢) ست=ِ شرط (١٣) چيس= چيائينس (١٤) ڪارا= ڪاراءِ

پيڙين (١) ۾ ڪينهن نہ ڪاڏو هجي.

پو تہ دير ئي نہ ٿي، هڪدم عجيب و غريب ڪادا تيار ٿي ويا. انن (٢) جي خوشبون (٣) ڪئون سڄو محل ڀرجي ويو. پر پري هڪ اڪر پي نہ ڳالايو.

هاڻي شهزادو گڏيئين پانجي چراغ ڪي. ان ڪي صفا ڪري تيل وجهي ٻاريئين، اٿون قسم ڏنئينس تہ ايڙهي ڳال ٻڌا (۴) جو عقل حيران ٿي وڃي. چراغ پانجي ڳال شرون (۵) ڪئي. چوڻ لڳو تہ هڪ هو باچا جينهن ڪي هڪڙو ئي پٽ هو. جيڪو ايڏو شيطان هو جو ملڪ جا سب ماڻو ان ڪئون تنگ ها. باچا ان جي حرامپائن ڪئون تنگ ٿي ان ڪي گهر ڪئون گڏي (٦) چڏيئين. شهزادو خرجينون ڀري هڪ گهوڙي تي چڙهي هڪ طرف روانو ٿيو. جڏين (٧) ٽڪو تہ هڪ شهر ۾ مدرسي جي سامون اچي گهوڙو بيهاريئين. ڏٺئين تہ استاد چوڪرن ڪي پڙهائي پيو. چوڪرن ۾ هڪ سٺي چوڪري پي هَئي (٨). ان ڪي ڏسديئي (٩) هو دل ڏيئي ويٺو. استاد ڪي چيئين تہ مان پي تو وٽ پرهدَم. استاد اڳيم هيڏي هوڏي ڪرڻ لڳو پر جڏين شهزادي پانجي خورجين ڪئون ڪجهہ سون ڳڍي ان ڪي ڏنو تہ هو راضي ٿيو. چوڪري ۽ چوڪرو ٻئي هڪٻئي ڪي ڏسڻ لڳا. پڙهڻ وين وسري اکيون اکين سان ملائي چڏيئون.

چوڪري پي ڪا شهزادي هئي. ٻنهي جي ايها حالت ڏسي استاد ناراض ٿيو. ٻنهي مشورو ڪيو تہ رات جو شهر ڪئون ڀڄي هلداسي (١٠). شهزادِي چوڪري ڪي چيو تہ ٻہ گهوڙا آنجان (١١) تہ جيئن هڪ تي تون اٿون مان، ٻي تي نوڪراڻي (١٢) هلدي. ان ايئن ئي ڪيو. اڌ رات جو شهزادي پانجي محل ڪئون هيٺ لهي گهوڙي تي چڙهي ڊگهي مسافري تي روانا ٿيا. پند (١٣) ڪندي ڪندي هڪ ٻي ملڪ ۾ اچي پوهتا. باچا جي دربار ۾ حاضر ٿي شهزادي عرض ڪيو تہ مان پي ڪينهن باچا جو پٽ هان، پر ناراض ٿي هتي اچي نڪتو

(١) پيڙين= پيڙهيں (٢) انن= انهن (٣) خوشبون= خوشبوءِ (۴) ٻڌا= ٻڌاءِ (۵) شرون= شروع (٦) گڏي= ڪڍي (٧) جڏين= جڏهن.(٨) هَئي= هُئي (٩) ڏسديئي= ڏسنديئي (و١) هلداسي= هلنداسين (١١) آنجان= آڻجانءِ (١٢) نوڪراڻي= نوڪرياڻي (١٣) پند= پنڌ

هان، تو وٽ نوڪري ڪرڻ چاهان (١) ٿو. ماڪي نوڪري ائون رهڻ ڪان جا (٢) ڏي. باچا عرض قبول ڪيو. ائون هن جي رهڻ ڪان جا ائون نوڪري جو بندوبست ڪيئين. جيڪي تنخا (٣)ملدي (٤)هس (٥) ان مئون اڌ خيرات ڪندو هو. هڪ دفعي خيرات ونڻ ڪان هڪ ڪراڙي انن جي گهر آئي، جينهن شهزادي جو حسن ڏسي حيران ٿي وئي ائون ايها ڳال وجي باچا کي ٻڌائيئين تہ هيڙي (٦) سٺٽي شهزادي تنجي نوڪر جي زال آ، اوها تنجي راڻي ٿيڻ جي لائخ (٧) آ، پر باچا ان ڪراڙي کي ڀهر گڏي چڏيو ائون ڳال نہ ٻڌئين.

ٻي تنخا تي اوها ڪراڙ ي وري خيرات ونڻ ڪان آئي. خيرات وئي پيهر باچا کي ان شهزادي جي حسن جي هاڪ (٨) ٻڌائي، پر باچا ان کي ڪجهہ ٻي ورندي نہ ڏني. ايڙهي (٩) طرح ٽين پيري بہ باچا کي وجي ايهاڳال ٻڌايئين، تڏين باچا سوچيو تہ ڪا ڳال آ. شهزادي کي گهرائي چيئين تہ تنجي ائون تنجي گهر واري جي سپاڻي مان وٽ دعوت آ ضرور اچجو. شهزادي دل ۾ خيال ڪيو تہ ايترو وخت باچا منجي دعوت ڪو نہ ڪيئين هاڻي چو ڪري پيو، ضرور ڪو ماملو (١٠) آهي. ڳٺتيون ڪندو گهر پوهتو تہ گهر واري پڇيس تہ چا ڳال آ؟ اچ مونجهو (١١) آن. شهزادي باچا طرفئون (١٢) دعوت جي ڳال ٻڌايئينس. پر شهزادي چيَس تہ تون وجي باچا کي چئو تہ دعوت مردن جي ٿيندي آ. زالان (١٣) ان ۾ ڪيئن اينديون هن. شهزادي ايها ڳال باچا کي وجي چئي، باچا ان تي راضي ٿيو تہ ٺيڪ آ صرف تون اچجان(١٤).

دعوت کائڻ وخت ان کي ڪائي (١٥) ٻي ڳال نظر نہ آئي. هاڻي هن کي ان جي دعوت ڪرڻي پئي. شهزادي مڙس کي چيو تہ دعوت کئون اڳ ۾ ماڪي ست قسمن جا ڪپڙن جا جوڙا ٺهرائي ڏي.

جڏين باچا دعوت تي آيو تہ شهزادي هڪڙي قسم جا ڪپڙا ائون

---

(١) چاهان= چاهيان (٢) جا= جاءِ (٣) تنخا= تنخواهہ (٤) ملدي= ملندي (٥) هَس= هيس(٦) هيڙي= ههڙي (٧) لائخ= لائق (٨) هاڪ= تعريف (٩) ايڙهي= اهڙي (١٠) ماملو= معاملو (١١) مونجهو= فڪرمند (١٢) طرفئون= طرفان (١٣) زالان= زالون (١٤) اچجان= اچجانءِ (١٥) ڪا ئي= ڪابہ.

برقعو پائي ان جا هٿ ڏورايا (١). ٻي قسم جي ڪپڙن سان ماني ڪٽي آئي. ٽين قسم جي ڪپڙن سان پاٽي آندس (٢). ايڙهي طرح آخري دفعي حقو آني (٣). باچا جي سامون نقاب هٽايئين. جين باچا جي نظر ان تي پئي تہ بيهونش (۴) ٿي ڪري پيو. جڏبن هوش ۾ آيو تہ مافي (۵) گهرڻ لڳو. اٿون شهزادي جي منٿي تي هٿ رکي چيئين تہ ٻنهي جهانن ۾ منجي پيڻ آن. مان ان ڪراڙي لالچي جي چوڻ ڪري آيوهمَ(٦).

وخت گذردو هليو. هڪ ڏينئن شهزادو هڪ چشمي تي تڙ ڪان (٧) ويو تہ اتي هڪ نانگ ڏنگي ورتو. جوڳين حڪيمن گهڻا دوا دارون ڪيا پر شهزادو بچي نہ سگهيو. ان کي دفن ڪيو ويو. ان جي زال ڏنو تہ هاٺي مان اڪيلي ڪاٽي (٨) رهان، مان ٻي قبر جي پرسان جهوپڙي هٺي ٿي ويهان. باچا گهڻو جهليس (٩) سمجهايس (١٠) پر هن نہ مَنيو (١١) اٿون نوڪراٺي کي وٺي قبرستان ۾ جهوپڙي ناهي ويهي رهي.

چراغ قصو ٻڌائيندي چيو تہ هڪڙي ڏينئن هڪ جادونگر (١٢) پانجي ڏي سان گڏ جي اتي اچي پوهتو. ان جي ڏي سنگهدي سنگهدي (١٣) ان قبر تي اچي بيهي چوڻ لڳي تہ هن ۾ جيڪو پي آ اهو جيٺارو (١۴) آ. جڏين ان جي گهر واري ڪٺون پڇيئون تہ هن چيو تہ گهڻو وخت ٿيو آ جو شهزادو مري ويو آ. هاٺي تہ ان جا هڏا پي ڳري ويا هوندا! پر جادونگر جي ڏي چيو تہ تٺان قبر کي ڪوٽو (١۵) تہ مان تٺان کي ڏيکاران (١٦). اٺين ڪندي قبر کي جڏين ڪوٽيٺون (١٧) تہ چوڪري شهزادي کي ٻلبل ٻٺائي هٿ تي ويهاري ڇڏيو. اٺون چوڻ لڳي تہ هي جيٺارو ناهي هن جون هڏيون سڙي ويون هِن. پيهر قبر کي درست ڪرو (١٨). هي سڀ ڳاليون شهزادي جهوپڙي ڪٺون ڏسدي

(١) ڏورايا= ڌوٺاريا (٢) آندس= آندائين (٣) آني= آلي (۴) بيهونش= بيهوش (۵) مافي= معافي (٦) هَم= هُيس (٧) تڙ ڪان= تڙڪرڻ لاءِ (٨) ڪاٽي= ڪٽي (٩) جهليس= جهلبائينس (١٠) سمجهايس= سمجهايائينس (١١) مَنيو= مڃو (١٢) جادونگر= جادوگر (١٣)سنگهدي سنگهدي= سنگهندي سنگهندي . (١۴) جيٺارو= جيئرو (١۵) ڪوٽو= ڪوٽيو (١٦) ڏيکاران= ڏيکاريان (١٧) ڪوٽيٺون= ڪوٽيائون (١٨) ڪرو= ڪريو

(١) ڏسي ٿي، تہ اڳ ۾ جادونگرڻي جي هٿن ۾ ڪجهہ ٻي نت هو هاڻي بلبل هٿ ۾ ٿس (٢). نوڪراڻي کي موڪليئين تہ بلبل وٺي اچوس.

نوڪراڻي هڪدم بلبل ان کئون وٺي آئي تہ جادونگر جي ڌي روئڻ ائون پٽڻ لڳي، پانجي مٿي تي مٽي وجهڻ لڳي. هوڏي شهزادي بلبل سان کيڏڻ لڳي. کيڏدي کيڏدي(٣) ڏٺئين تہ ان جي مٿي ۾ هڪ سئي لڳل آ. هن سمجهيو تہ سچو راز ان سئي ۾ آ. جيئن ئي اوهاسئي گيئين تہ هڪدم شهزادو انسان بڻجي پيو، پو تہ ٻئي پاڻ ۾ حوش ٿي کلڻ لڳا. ايتري ۾ نوڪراڻي آئي ائون هي سب ڪجهہ ڏسي واتڙي ٿي وئي، تہ هي چا ٿي ويو. شهزادو بدنامي جي پٺو کئون پونگڙي کي سوراخ ناهي ان ۾ هيٺ ٽپو ڏنئين. خدا جي قدرت سان شهزادو هيٺ هڪ هندو جي دوڪان ۾ اچي ڪريو. هندو حيران ٿيو، ائون ان کي پانجو پٽ بڻائي گهر وٺي آيو، چو تہ ان کي اولاد نہ هو. پو (۴) هندو شهزادي کي پانجي دوڪان تي ويهاري ڇڏيو. وخت گذردو هليو. هڪ دفعي نوڪراڻي سودو وٺڻ ڪان هندو جي دوڪان تي اچي ڏسي تہ واهہ! شهزادو هندن جي شڪل ۾ دوڪان پيو هلائي! شهزادي بہ هن کي سڃاتو ۽ سودو بہ گهڻو کٽي ڏنس (٥). نوڪراڻي سچو حال شهزادي کي ٻڌايو تہ اوها هڪدم پونگڙي ڊاهي ان طرف رواني ٿي. ايها حالت ڏسي جادونگر جي ڌي بہ سمجهي وئي ائون اوها پي هن جي ڪڍ لڳي. سب جڏين دوڪان تي پوهتا ڏسن تہ واقعي شهزادو دوڪان تي وينو آ. شهزادي کي ڏسي جادونگر جي ڌي نوڪراڻي ائون شهزادي چوڻ لڳيون تہ ايهو منجو مڙس آ. چراغ چيو تہ شهزادي!! هاڻي تون ئي ٻڌا (٦) تہ اوهو ڪيڙهي (٧) جو مڙس آ؟

پري جوش ۾ اچي هڪدم چيئين تہ پهرين گهرواري جو!

چراغ جواب ۾ چيس تہ هاڻي تنجي مرضي آ تہ شهزادي کي مارين يا پانجو ڪرين، مان تو کي ڳال ڪرائي آ! تون شرط هاري آ!

ايتري ۾ نغارا وڄي ويا ائون شهزادي شرط کٽي ورتي. ٻني (٨)

---

(١) ڏسدي= ڏسندي (٢) ٿس= اٿس (٣) کيڏدي کيڏدي= کيڏندي کيڏندي
(۴) پو= پوءِ(٥) ڏنس=ڏنائينس (٦) ٻڌا= ٻڌاءِ (٧) ڪيڙهي= ڪهڙي (٨) ٻني= ٻنهي

جي شادي ڏاڍي ڌام ڌوم سان ٿي. ڪجهہ ڏينهن ڪٿون پو شهزادو ز ڪي ونئي پانجي پي جي باچائي ڏي روانو ٿيو. گهر پوهچي سب خوش ٿيا. ڪل ڏنوسي تہ سب خوش گذارن پيا.

## فراڪي محاوري جي هڪ ڪهاڻي*

هڪڙو اهو(١) باچا! باچا تہ خدا هي پر هو بي هڪ ٽڪري جو باچا اهو. اڻ (٢) پانجي (٣) شئزادي (۴) جي شادي جي شرط هي لڳائي هئي ڪہ (٥) جو مائو (٦) چڙو ڪوڙ ڳالائينو (٧) اڻ ڪي پانجي ڏي شادي ڪرائيندمَ (٨). شئزادي جي شادي جي شئونق ۾ روزانو ڪيئي هرما (٩) آيا پر اٿن (١٠) جي ڳالين ۾ ڪجهہ سچ اهو. اڻ ڪري اٿن جي شادي نٿي سگي (١١). هڪ ڏين (١٢) هڪ گريب (١٣) تيار ٿئو (١۴) تہ ما وَني (١٥) چڙو ڪوڙ ڳا لائينو آن. باچا وڻ پوچي (١٦) سلام ڪيئين (١٧) ان اچڻ جو سوب (١٨) پڇيسَ (١٩). گريب چيو تہ مان ڪوڙي ڳال ٻداوڻ (٢٠) آئو (٢١) آن. باچا چيس چگو يلا ٻدا (٢٢)

گريب چيو تہ باچا سلامت مان (٢٣) وٺ چالي (٢۴) ڪڪڙون (٢٥) اهون (٢٦) ائون (٢٧) هڪ ٻانگو اهو. اٿن ڪي چراونڻ (٢٨) ڪان جنگل (٢٩) ڪائي (٣٠) ويمَ. اتي ونئي مان سَمي (٣١) پيَم جڏي (٣٢) جاڳيم. ڏسان تي ڪڪڙون نائِن (٣٣) ايڏي اوڏي (٣۴) ڳوليَم،

---

* الهداد ولد عبدالحڪيم پنهور، ويٺل نزد سيي ڪان ٻڌل ڪهالي (١) اهو= هيو، هئو (٢) اڻ= ان (٣) پانجي= پنهنجي (۴) شئزادي= شهزادي (٥) ڪہ= جو (٦) مائو= مائهو (٧) ڳالائينو= ڳالهائيندو (٨) ڪرائيندمَ= ڪرائيندس (٩) هرما= همراهہ (١٠) اٿن= انهن (١١) سگي= سگهي (١٢) ڏين= ڏينهن (١٣) گريب= غريب (١۴) ٿئو= ٿيو (١٥) وني= وجي (١٦) پوچي= پهچي (١٧) ڪيئين= ڪيائين (١٨) سوَب= سبب (١٩) پڇيسَ= پڇيائينس (٢٠) ٻداوڻ= ٻڌائڻ (٢١) آئو= آيو (٢٢) ٻدا= ٻڌاءِ(٢٣) مان= مون (٢۴) چالي= چاليهہ (٢٥) ڪڪڙون= ڪڪڙيون (٢٦) اهون=هيون (٢٧) آئون= ۽ (٢٨) چراونڻ= چارائڻ (٢٩) جنگل= جهنگل (٣٠) ڪائي= ڪاهي (٣١) سمُي= سمهي (٣٢) جڏي= جڏهن.(٣٣) نائن= ناهِن (٣۴) ايڏي اوڏي= هيڏانهن هوڏانهن

پڇيم تي ڪيڙي (۴) خوشي ۾؟ ڇيٺين تو کي پيوُ جائو آ. مان ڦدي (۵) ۾ هٽ وٺم تہ اٺ نڪتو جين (٦) تي ڪجائو (۷) بي آهو. اوٺو (۸) مان اڻ کي ڏنم. توروڙو اڳي (۹) ٽياسي تي هڪ ٻٺو ماٺو اينو پٺو آ. اوٺو بِي اچڻ ست چوٺڻ (١٠)لڳو مستائي ڏي!! پڇو (١١) مانس تہ ڇا جي مِستائي؟ چوٺڻ لڳو تہ تو کي ڏاڏو ڇائو آ. ٻي ڦدي مٺون اٺ ڪجاوي سميت نڪتو. اوٺو اڻ کي ڏِنمَ. هاٺي باڇا سلامت تون پاڻ ٻڏا (١٢) تي اڻ ۾ ڪيڙو (١٣) سچ آ. شٺزادي جو حقدار مان آن. ماکي شادي ڪرائو (١۴). باڇا راضي ٿي اڻ گريب کي پانجي ڏي شادي ڪرائي.(١۵)

---

(١) ست= شرط (٢) ڇيٺين= ڇيائين (٣) مِستائي= مبارڪ (۴) ڪيڙي= ڪهڙي
(۵) ڦدي= ڪيسي (٦) جين= جنهن (۷) ڪجاٺو=پاڪڙو (۸) اوٺو= اهو (۹) اڳي= اڳتي (١٠) ٻٺو= ٻيو (١١) چوٺڻ= چوڻ (١٢) پڇو= پڇيو (١٣) ٻدا= ٻڌاءِ (١۴) ڪيڙو= ڪهڙو (١۵) ڪرائو= ڪرايو

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو